REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 12 آڪٽوبر 2023 ع بمطابق 25 ربيع الاول 1445 ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 136

ادارن جا اهلڪار اغوا ٿين ته پوءِ عوام جو الله ئي حافظ: نگران وڏو وزير

ڇا هتي جهنگ جو قانون هلي رهيو آهي يا پوليس سُتل آهي؟، ايس ايس پيز ۽ ڊي آءِ جيز گهرن ۾ ويهي پوليسنگ ڪندا آهن : مقبول باقر

اهو عمل برداشت جوڳو ناهي، اهڙن پوليس آفيسرز جي سنڌ توڙي صوبي جي عوام کي ڪا ضرورت ناهي

ايس ايڇ او ۽ ٻيا مغوي ٽن ڏينهن اندر بازياب نه ٿيا ته ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي خلاف ڪارروائي ٿيندي

مان پاڻ ٿاڻن ۽ پوليس آفيسرز جي دفترن جي انسپيڪشن ڪندس، ڇا سڀ پوليس اهلڪار سُتل هئا؟، انڪوائري رپورٽ پيش ڪئي وڃي

سنڌ جي نگران وڏي وزير پاران شڪارپور جي ڪچي مان ايس ايڇ او سميت 5 ڄڻن جي اغوا واقعي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو

نگران وڏي وزير مقبول باقر جو آءِ جي سنڌ پوليس کي فون، شڪارپور ۾ ويهي مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي هدايت ڪئي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي نگران وڏي وزير پاران شڪارپور جي ڪچي مان ايس ايڇ او سميت 5 ڄڻن جي اغوا واقعي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو آهي، نگران وڏي وزير مقبول باقر جو آءِ جي سنڌ پوليس کي فون، شڪارپور ۾ ويهي مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي هدايت ڪئي آهي، نگران وڏي وزير چيو ته جيڪڏهن قانوناڦذ ڪندڙ ادارن جا اهلڪار اغوا ٿي وڃن ته پوءِ عوام جو الله ئي حافظ آهي، ڇا هتي جهنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ اسڪول اينڊ ڪاليج ايجوڪيشن کاتن جو اجلاس ٿي رهيو آهي

ورلڊ ڪپ: محمد رضوان مين آف دي ميچ جو ايوارڊ فلسطينين جي نالي ڪري ڇڏيو

لاهور (م د) آءِ سي سي ورلڊ ڪپ ۾ سريلنڪا خلاف رڪارڊساز سوڀ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ وڪيٽ ڪيپر ۽ بيٽسمين محمد رضوان پنهنجو ايوارڊ غزه جي مظلوم فلسطينين جي نالي ڪري ڇڏيو گذريل ڏينهن ورلڊ ڪپ جي ميچ ۾ سريلنڪا خلاف تاريخي سوڀ ماڻڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چيف جسٽس جا اختيار گهٽائڻ وارو قانون آئين مطابق جائز قرار

سپريم ڪورٽ فل ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ کي برقرار رکيو ۽ ايڪٽ خلاف داخل درخواستون خارج ڪري ڇڏيون

اٽارني جنرل عثمان منصور جا دليل مڪمل ٿيڻ بعد سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

دير تي معافي گهران ٿو، معاملو تمام ٽيڪنيڪل هو، سڀ کان پهريان اڄ جو حڪم پڙهي وٺندس: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

دير تي معافي گهران ٿو، معاملو تمام ٽيڪنيڪل هو، سڀ کان پهريان اڄ جو حڪم پڙهي وٺندس، سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ 5_10 جي تناسب سان برقرار رکيو ويو

جسٽس اعجاز الحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس عائشه ملڪ، جسٽس مظاهر نقوي ۽ جسٽس شاهد وحيد ايڪٽ جي مخالفت ڪئي جڏهن ته باقي ججن ايڪٽ جي حق ۾ فيصلو ڏنو

سپريم ڪورٽ ايڪٽ کي ماضي جي اطلاق کي 7_8 جي تناسب سان رد ڪري ڇڏيو جنهن کانپوءِ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ ماضي کان لاڳو نه ٿيندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ+ م د) 15 ججن تي مشتمل سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ بينچ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ 2023 کي اڪثريت راءِ سان آئين مطابق قرار ڏيندي ايڪٽ کي چيلينج ڪرڻ وارين درخواستون رد ڪري ڇڏيون آهن. چيف جسٽس جا اختيار گهٽائڻ واري هن قانون بابت هي فيصلو 5 جي ڀيٽ ۾ 10 ججن جي اڪثريت راءِ سان ڏنو ويو اختلاف راءِ ڪندڙ پنج ججن ۾ جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواست تي فيصلو ڏيندي

پي آءِ اي ۽ خساري جو شڪار ادارن جي نجڪاري جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت

نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

اجلاس کي پي آءِ اي جي مختلف معاملن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، فيصلن ۾ دير تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

ملڪ معاشي مشڪلاتن جو شڪار آهي ۽ قومي ادار جو خسارو مشڪلاتن ۾ واڌ جو سبب بڻجي رهيو آهي: وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) نگران وزيراعظم طرفان پي آءِ اي ۽ خساري جو شڪار ادارن جي نجڪاري جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو اجلاس کي پي آءِ اي جي مختلف معاملن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، فيصلن ۾ دير تي ڳڻتي جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿي رهيو آهي

وفاقي اثاثن کي صوبائي سطح تي منتقل ڪرڻ انتهائي اهم معاملو آهي : ارشد ولي محمد

سنڌ جي سياحت جي حوالي سان هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو

وفاقي حڪومت جي انتظام هيٺ 7 اثاثا صوبائي حڪومت حوالي ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (م د) نگران صوبائي وزير سياحت ۽ ماحوليات ارشد ولي محمد چيو آهي ته 18 هين ترميم ڪانپوءِ صوبائي خودمختياري جي حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ رفعت مختار ميرپورخاص پهتا، ڊويزنل انتظاميا سان گڏجاڻي

14 لک افغان پناهگير اسان جا مهمان آهن، قانوني دستاويز رکندڙ عارضي طور پاڪستان ۾ رهندا: گهرو وزير

14 لک افغان مهاجر اسان جا مهمان آهن، ملڪ مان صرف غير قانوني آيل پرڏيهين کي ڪڍيو پيو وڃي : حارث نواز

شهيد جان محمد جا قاتل جلد گرفتار ٿيندا، ڪچي ۾ جتي ڌوهاري لڪل آهن، اتي درياءَ ۾ پاڻي آيل هو : آءِ جي سنڌ

ميرپورخاص (رپورٽر) گهرو وزير برگيڊيئر رٽائرڊ حارث نواز چيو آهي ته 14 لک افغان مهاجر اسان جا مهمان آهن، ملڪ مان صرف غير قانوني آيل پرڏيهين کي ڪڍيو پيو وڃي، آءِ جي سنڌ چيو آهي ته شهيد جان محمد جا قاتل جلد گرفتار ٿيندا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ميرپورخاص: گهرو وزير برگيڊيئر رٽائرڊ حارث نواز ۽ آءِ جي سنڌ رفعت مختار گڏجاڻي دوران ڳالهائيندي

مبارڪپور پرسان ڪارنهن الزام هيٺ عورت ۽ نوجوان قتل

مبارڪپور (رپورٽر) مبارڪپور پرسان ڪريم بخش ٿاڻي جي حد ۾ ڪارنهن الزام هيٺ پنهنجو قتل جوابدار نوجوان ۽ عورت کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو تفصيل موجب رات دير سان ڳوٺ تاج محمد ڪوسو ۾ جوابدار حسين بخش جمالي ۽ بابو لاشاري ڪهاڙين جا وار ڪري نوجوان احسان لاشاري ۽ عورت حسينه لاشاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڌاڙيلن هٿان پوليس چوڪي تي موجود اهلڪار اغوا

ڌاڙيلن پوليس چوڪي تي موجود سمورن اهلڪارن کي اغوا ڪري ڪچي ڏانهن وٺي ويا

ايس ايڇ او ڪوٽ شاهه محبوب بروهي ۽ هيڊ محرر سميت 5 اهلڪارن کي اغوا ڪيو ويو آهي : پوليس

ڪوٽ شاهوواري علائقي ۾ پوليس جي وڏي نفري طلب ڪئي وئي آهي : ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جاويد جسڪاڻي

شڪارپور(رپورٽر)شڪارپور جي علائقي ڪچي ڪوٽ شاهو ۾ پوليس چوڪي تي ڌاڙيلن حملو ڪيو پوليس موجب ڌاڙيلن پوليس چوڪي تي موجود سمورن اهلڪارن کي اغوا ڪري ڪچي ڏانهن وٺي ويا، ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته ايس ايڇ او ڪوٽ شاهه محبوب بروهي ۽ هيڊ محرر سميت 5 اهلڪارن کي اغوا ڪيو ويو آهي، ٻئي طرف ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جاويد جسڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

جماعت اسلامي وفد جي چيف سيڪريٽري سنڌ فخرعالم سان ملاقات

غيرجانبدار آفيسر مقرر، سارين جي ٽڪي ملهه توڙي ناجائز ڪٽوتي ۽ ڪرپشن جو نوٽس وٺي سنڌ ۾ گڊ گورننس کي يقيني بڻائڻ جي گهر

اربين رپيا خرچ ڪرڻ جي باجود سنڌ جو واحد سياحتي مرڪز گورک هل جي قسمت ناهي بدلي سگهي: اڳواڻ

سنڌ ۾ سارين جو ٽڪو ملهه، ناجائز ڪٽوتين جو نوٽس وٺي آبادگارن سان ناانصافي بند ڪئي وڃي، محمد حسين محنتي

ڪراچي(رپورٽر) 11 آڪٽوبر 2023 جماعت اسلامي سنڌ گهرڪئي آهي ته سنڌ ۾ سارين جو ٽڪو ملهه ، ناجائز ڪٽوتين جو نوٽس وٺي آبادگارن سان ناانصافي بند.چونڊن کان اڳ ۾ غير جانبدار آفيسر مقرر ڪري سنڌ ۾ ان ڏرين ۽ شفاف چونڊن کي يقين بڻايو وڃي.جڏهن ته انفرااسٽڪچر سميت ترقياتي ڪمن ۾ تيزي، ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي اڏاوت لاءِ فوري ۽ ڪرپشن فري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پاڻي چوري ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا فرق جي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (م د) محتسب اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته ان جي مداخلت سان بيوا کي مرحوم مڙس جي سروس جي رهيل ادائيگي ۽ پٽ کي فوتي ڪوٽا تي نوڪري ملي وئي. شڪايت ڪندڙ فوزيه پروين پنهنجي شڪايت ۾ چيو ته سندس مڙس ڊي اير سي سينٽرل ۾ وارد بواءِ هو جيڪو جولاءِ 2017ع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جماعت اسلامي وفد محمد حسين محنتي جي قيادت ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ فخرعالم سان ملاقات دوران کيس ديني ڪتاب ڏيندي

ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد جون 13 اڏامون منسوخ ڪيون ويون

پي ڪي 302 ۽ پي ڪي 303 جڏهن ته ايئر سيال اسلام آباد کان ڪراچي جي اڏام پي ايف 121 ۽ پي ايف 122 کي منسوخ ڪيو ويو

ڪراچي ۽ لاهور وچ ۾ ايئرسيال جي اڏام پي ايف 143 ۽ پي ايف 144 جڏهن ته ڪراچي کان اسلام آباد وينڊز سيرين ايئر جي اڏام اي آر 503 کي منسوخ ڪيو ويو

سرين ايئر جي ڪراچي کان اسلام آباد جي اڏام اي آر 505 ۽ ايئر سيال جي اسلام آباد کان دمام جي اڏام پي ايف 746 کي منسوخ ڪيو ويو

ڪراچي(رپورٽر)ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد جون 13 اڏامون منسوخ ڪيون ويون، پي آءِ اي جي ڪراچي کان لاهور جي اڏام پي ڪي 302 ۽ پي ڪي 303 جڏهن ته ايئرسيال اسلام آباد کان ڪراچي جي اڏام پي ايف 121 ۽ پي ايف 122 کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

صاف پاڻي ۽ صاف ڪاڌو هر شهري جو بنيادي حق آهي: بلاول

موسمياتي تبديلي هڪ وڏو چئلينج آهي، تازو ٻوڏن ۾ پاڪستان کي تمام گهڻو نقصان ٿيو

انساني حق ۽ موسمي انصاف پ پ جو منشور آهي، اسان کي جدت ڏانهن وڌڻو آهي

مستقبل جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ پلاننگ ڪرڻي آهي : ڪانفرنس کي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته صاف پاڻي، صاف ڪاڌو حاصل ڪرڻ هر شهري جو بنيادي حق آهي. اسلام آباد ۾ پيپلز پارٽي هيومن رائيٽس سيل جي زير اهتمام "موسمياتي تبديلي جا اثر انساني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

غیر قانونی غیر ملکی افراد
کے لیے مہلت
دن باقی
19

حماس جا عسقلان شهر تي راڪيٽ فائر: مارجي ويل اسرائيلين جو انگ 1200 کان وڌي ويو

اسرائيلي جهازن غزه جي 450 هنڌن تي بمباري ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ رهائشي عمارتون ملبي جو ڍير بڻجي ويون

غزه تي حملن جي جواب ۾ اسرائيلي شهر عسقلان تي راڪيٽ حملا ڪيا ويا

غزه (م د) حماس جي طوفان الاقصيٰ ۾ مارجي ويل اسرائيلين جو انگ 1254 ٿي ويو آهي جڏهن ته شهيد فلسطينين جو انگ 900 کان وڌيڪ ٿي ويو آهي، اسرائيلي جهازن غزه جي 450 هنڌن تي بمباري ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڻي چوري ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا فرق جي سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ايشور لال

چوري ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

پاڻي چوري هڪ اهم مسئلو آهي جنهن تي ضابطو آڻڻ جي ڪوششون ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) : سنڌ جي آبپاشي واري وزير ايشور لال پاڻي چوري ڪندڙن خلاف سخت قدم کڻندي هن وقت تائين 381 پاڻي چورن خلاف 81 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي مان گم ٿيل ناري سانگهڙ مان هٿ، 3 جوابدار گرفتار

ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو اتحاد ٽائون مان گم ٿيل ناري سانگهڙ مان هٿ آئي

اريبا ڌيءُ اڪبر علي اتحاد ٽائون مان گم ٿي وئي هئي : پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي اتحاد ٽائون مان گم ٿيل ناري سانگهڙ مان هٿ، ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو اتحاد ٽائون مان گم ٿيل ناري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

20 آڪٽوبر کان شگر ملن جون چمنيون ٻارڻ وڃن، پليجي جو مطالبو

وقت سر شگر ملون نه هلڻ ڪري ڪٽڪ جي پوکي سخت متاثر ٿئي ٿي : اياز لطيف پليجو

سنڌ ۾ 24 شگر ملز مان 19 شگر ملون زرداري ۽ سندس ساٿين جون آهن

قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز لطيف پليجو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته 20 آڪٽوبر کان شگر ملن جون چمنيون ٻارڻ وڃن ۽ نومبر تي ڪمند جي پيڙهائي شروع ڪئي وڃي. وقت سر شگر ملون نه هلڻ ڪري ڪٽڪ جي پوکي سخت متاثر ٿئي ٿي جنهن ڪري ڪٽڪ جي اٽو وڏو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو سنڌ ۾ 24 شگر ملز مان 19 شگر ملون زرداري ۽ سندس ساٿين جون آهن. ڪمند جو اگهه 425 رپيا في مڻ آبادگارن ۽ هارين کي قبول ناهي. ڪمند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مٽياري پرسان ڪاروڪاري جي الزام هيٺ عورت ۽ 2 نوجوان قتل

ڪيبراٽي پوليس قتل ٿيل ٽنهي ڄڻن جا لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

نبي بخش ڪوسو، اڪن ڪوسو ڪالهه هالا وڃڻ جو چئي گهران نڪتا : وارث

مٽياري:(رپورٽر) مٽياري پرسان ڳوٺ ڪرم خان لاشاري ۾ شهري پنهنجي ننهن ۽ ٻن نوجوانن کي بندوق جا فائر ڪري ڪاروڪاري الزام هيٺ قتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان ڊائون سنڊروم ايسوسيئيشن پاران آڪٽوبر کي ڊائون سنڊروم آگاهي مهيني طور ملهايو ويو

مقررين ۾ ڊائون سنڊروم متاثر ٻارڙن سيده عليشبہ امين الدين ۽ ٻيا شامل

ڊائون سنڊروم انساني جسماني بناوت ۾ پيدا ٿيندو آهي : مقررين

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ڊائون سنڊروم ايسوسيئيشن (PDSA) CBM انٽرنيشنل ۽ SIOVS حيدرآباد جي سهڪار سان آڪٽوبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

کير جي اگهن ۾ گهٽتائي جو ڪمشنر ڪراچي کي نوٽيس

عدالت ڪمشنر ڪراچي ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

کير جي اگهن ۾ گهٽتائي اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت کانسواءِ ڪئي وئي : درخواستگذار جو وڪيل

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ کير جي اگهن ۾ گهٽتائي تي ڪمشنر ڪراچي کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن ڪمشنر ڪراچي ۾ ڊيري فارمرز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: صدر عارف علوي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

وفاقي ڪابينا سهيل ناصر کي ڊپٽي چيئرمين نيب بڻائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد ۾ نگران وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي جي 3 آڪٽوبر واري فيصلي جي توثيق ڪئي وئي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) وفاقي ڪابينا سهيل ناصر کي ڊپٽي چيئرمين نيب بڻائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. اسلام آباد ۾ نگران وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي جي 3 آڪٽوبر واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وڏي وزير جو درسي ڪتابن لاءِ هڪ ارب رپيا جاري ڪرڻ جو حڪم

جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ اسڪول اينڊ ڪاليج ايجوڪيشن کاتن جو گڏيل اجلاس ٿيو

ليڪچرارن جي حاضري ۽ تدريسي سرگرمين کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورن ڪاليجن جو ڊجيٽل مانيٽرنگ سسٽم تيار ڪيو وڃي : هدايت

وزيراعليٰ هائوس ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزير تعليم رعنا حسين، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري حسن نقوي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ اسڪول اينڊ ڪاليج ايجوڪيشن کاتن جي گڏيل اجلاس ۾ درسي ڪتابن جي ڇپائي لاءِ هڪ ارب رپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

شاهه فيصل ۾ گهر جي ڇت ڪري پئي، 3 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن 2 ماڙ عمارت تي ٽئين ماڙ جي ڇت وڏي پئي وئي

ڇت ڪرڻ سبب ملبي ۾ دٻجي ويلن مان 5 ڄڻن کي زخمي حالت ۾ ٻاهر ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو

دٻيل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ مشنري طلب ڪئي وئي آهي، فوتين جو انگ وڌڻ جو خدشو ڏيکاريو ويو آهي : پوليس

ڪراچي: شاهه فيصل ڪالوني ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ جي نتيجي ۾ دٻجي ويلن کي ڪڍيو پيو وڃي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي شاهه فيصل ڪالوني ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا،پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

جسٽس باقر پاران ڪراچي کان نيشنل ڪيرٿر پارڪ کي خاردار تارون لڳائڻ، ٻيلن ۽ جهنگلي جيوت جي زمينن جي جي آءِ ايس ميپنگ شروع ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) : سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ٻيلي ۽ جهنگلي جيوت کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پهرين آڪٽوبر کان گئس جي اگهن ۾ 200 سيڪڙو اضافي جو فيصلو

پروٽيڪٽڊ گئس صارفين لاءِ فڪسڊ ماهوار چارجز 10 رپين مان وڌائي 400 رپيا ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

گهريلو صارفين لاءِ گئس 172 سيڪڙو تائين مهانگي ڪرڻ جي تجويز آهي : ذريعا

ٻين صارفين لاءِ گئس جي قيمت ۾ تقريبن 200 سيڪڙو تائين واڌ جي تجويز آهي

اسلام آباد (رپورٽر) نگران حڪومت پهرين آڪٽوبر کان گئس مهانگي ڪرڻ جي تياري مڪمل ڪري ورتي، ذريعن موجب پروٽيڪٽڊ گئس صارفين لاءِ فڪسڊ ماهوار چارجز 10 رپين مان وڌائي 400 رپيا ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: سڌسماءُ وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي، فواد حسين فواد گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

محتسب اعليٰ سنڌ جي مداخلت تي بيوه کي سروس جي رهيل ادائيگي ۽ پٽ کي فوتي ڪوٽا تي مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) محتسب اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته ان جي مداخلت سان بيوا کي مرحوم مڙس جي سروس جي رهيل ادائيگي ۽ پٽ کي فوتي ڪوٽا تي نوڪري ملي وئي. شڪايت ڪندڙ فوزيه پروين پنهنجي شڪايت ۾ چيو ته سندس مڙس ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اليڪشن ڪميشن عمران خان جا پروڊڪشن آرڊر جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر جي توهين ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

سيڪيورٽي جي بهاني ٻين عدالتن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي پيش نه پيو ڪيو وڃي: پي ٽي آءِ سربراهه جو وڪيل

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي پيش ڪرڻ جي لاءِ اليڪشن ڪميشن پروڊڪشن آرڊر جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عوام جي ووٽ سان نوازشريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو: مريم نواز

هر دفعي جيان هن ڀيري به نوازشريف پاڪستان ۾ تبديلي آڻي ڏيکاريندو

21 آڪٽوبر تي گهرن مان نڪرو ۽ پاڪستان جي معاشي ترقي جي معمار جو ڀرپور استقبال ڪريو

هاڻ چونڊون ويجهيون آهن. تڪ بنديون ٿي وڃن، چونڊون ضرور ٿينديون : خواجه آصف

لاهور(م د) مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته هر دفعي جيان هن ڀيري به نوازشريف پاڪستان ۾ تبديلي آڻي ڏيکاريندو لاهور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 280 رپين کان هيٺ اچي ويو

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 280 رپيا 51 پئسا تي بند ٿيو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت بلند ترين سطح کان 27 رپيا 6 پئسا گهٽجي وئي

ڪراچي(رپورٽر) آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي، انٽر بئنڪ ۾ اڄ ڊالر 280 رپين کان به هيٺ اچي ويو انٽر بئنڪ ۾ ڊالر هڪ رپيو 1 پئسا سستو ٿيڻ بعد 279 رپيا 50 پيسا تي ويو ڪالهه انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 280 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ جي تعليم واري نگران صوبائي وزير رعنا حسين سان ترڪي جي قونصل جنرل جمال سانگهو جي ملاقات

سنڌ ۾ ترڪي ٻولي جي سکيا، استادن جي تربيت ۽ تعليمي ترقي لاءِ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

تعليم کاتي پاران اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پروگرام شروع ڪرڻ جي صورت ۾ ٽيڪا کي ضروري وسيلا پڻ فراهم ڪيا ويندا : رعنا حسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم ۽ وومين ڊولپمينٽ کاتي واري صوبائي وزير رعنا حسين سان ترڪيه جي قونصل جنرل جمال سانگهو اڄ سندس آفيس ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ۾ ناري بيدردي سان قتل، بيگ مان لاش هٿ

ناري کي بيدردي سان قتل ڪري لاش بيگ ۾ وجهي اڇلايو ويو، والده جي فرياد تي قتل ڪيس داخل ڪيو ويو

لياقت آباد سپرمارڪيٽ ۾ بيگ مان ناريءَ جو لاش هٿ آيو، پوليس موجب لاش جي سڃاڻپ عريشه جي نالي طور ٿي

ناري جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ناري کي بيدردي سان قتل ڪري لاش بيگ ۾ وجهي اڇلايو ويو، والده جي فرياد تي قتل ڪيس داخل ڪيو ويو لياقت آباد سپرمارڪيٽ ۾ بيگ مان ناريءَ جو لاش هٿ آيو، پوليس موجب لاش جي سڃاڻپ عريشه/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نوشهرو فيروز ۾ ڊسٽرڪٽ بار جي وڪيلن پاران اسرائيل خلاف احتجاجي مظاهرو

دنيا اندر اسان مسلمانن جي گهڻائي هوندي به سدائين ڪافر ملڪ اسان مسلمانن تي حملا ڪن : عبدالستار لهراڻي

فلسطين جي عورتن ۽ ٻارڙن جا چچريل لاش ڏسي دل رت جا ڳوڙها ٿي روئي پر مسلمان ملڪن کي ڪا غيرت نہ ٿي اچي

مسلمان ملڪ فلسطين جي حمايت ڪن ۽ اسرائيل خلاف ڪو وڏو قدم کڻي مسلمانن کي تباهه برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ ڊسٽرڪٽ بار جي وڪيلن جو اسرائيل خلاف سخت احتجاج ڪورٽ جي سامهون سخت نعري بازي اسرعيل آمريڪامرده باد فلسطين زنده باد جا اپ ڏاريندڙ نعرا ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: ڊسٽرڪٽ بار جي وڪيلن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

عدالت ڪنب پوليس پاران بي ڏوهي قرار
ڏنل جوابدار ۽ ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي ٿاڻيدار
خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

ڪوٽڏيجي(رپورٽر) خيرپور جي عدالت، ڪنب پوليس پاران بي ڏوهي قرار ڏنل جوابدار ۽ ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي ٿاڻيدار خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو. عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم. تفصيل مطابق خيرپور جي ٿرڊ ايڊيشنل سيشن جج الطاف حسين بجاراڻي جي عدالت ڪنب ٿاڻي جي هڪ ڳوٺاڻي مٿان حملو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

مورو پرسان جوابدارن نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

اسان جي نوجوان کي بيگناهه گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي : وارثن جون دانهون

نوٽيس وٺي ملوثن جوابدار جي جاچ ڪري سخت سزا ڏئي انصاف ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) مورو پرسان ڪيلي جي باغ وٽ نامعلوم ماڻهن ڳوٺ مياڻداد لنڊ جي رهواسي نوجوان عمران ولد غيبي خان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو لاش مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو. مقتول نوجوان جي وارثن جو چوڻ آهي تہ اسان جي نوجوان کي بيگناهه گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي وڏو ظلم ڪيو ويو آهي ملوثن جوابدار جي جاچ ڪري سخت سزا ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

ڪنڌڪوٽ: فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت خلاف شيعا علماءِ ڪونسل پاران احتجاجي مظاهرو

مولانا ادب حسين نجفي، بشير حيدري، جميل حيدر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

فلسطين مٿان بمباري ڪري اسرائيل بيگناهه معصوم ٻارن ۽ عورتن کي شهيد ڪري رهيو آهي : مظاهرين

عالمي دنيا ۽ اقوام متحده جي مجرماڻي خاموشي آهي پاڪستان جي حڪمرانن بہ ڪو آواز نہ اٿاريو آهي

ڪنڌڪوٽ(غالب بلوچ) فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت خلاف شيعا علماء ڪونسل جي مرڪزي سڏ تي ڪنڌڪوٽ ۾ بہ شيعاء علماء ڪونسل پاران سوين ڪارڪنن مدرسہ ارشاد الثقلين کان پريس ڪلب تائين مولانا ادب حسين نجفي، بشير حيدري، جميل حيدر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين فلسطينين جي حق ۾ ۽ اسرائيل جارحيت خلاف سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪنڌڪوٽ : شيعہ علماءِ ڪائونسل پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪڏڙو پوليس جو ڪارنامو، راهه ويندڙ پيرسن
پورهيت کي پوليس ڪنيي شراب جي ڪيس
۾ چالان ڪري ڇڏيو

ڪڏڙو(رپورٽر) ڪڏڙو پوليس جو وڏو ڪارنامو ڳهران ڀاڄي وٺڻ ويندڙ مينگهواڙ پاڙي جي پيرسن پورهيت اجمل ميگهواڙ کي پوليس راهه ويندي ڪنيي ڪلي لاڪپ ڪري ڇڏيو جڏهن تہ پوليس مٿس 20ليٽر ديسي شراب جو ڪيس ٺڻ داخل ڪري ڪيس چالان ڪري ڇڏيو هوڏانهن ڪڏڙو شهر ۽ پسگردائي ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين: عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي زمينن جي نيلامي ۽ ٻين مسئلن خلاف ڳڏجاڻي

احتجاجي ريلي ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ڪرائڻ جي رٿابندي ڪئي وئي، ريلي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن جو وڏو انگ شريڪ ٿيندو

سنڌ ۾ رهندڙ لکين غير قانوني افغانين ۽ ٻين غير ملڪين کي فوري طور تي واپس موڪليو وڃي : اڳواڻ

غير قانوني افغانين کي ملڪ نيڪالي ڏني وڃي، سنڌ مان غير قانوني غير ملڪين کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ صرف اعلان ڪافي ناهن

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي زمينن جي نيلامي، ساموندي پٽي تي قبضن، ڌاري آبادڪاري، ڊجيٽل آدمشماري، ڏاڙيل راڄ ۽ دريا تي ڊيمن خلاف 15 آڪٽوبر تي بدين ۾ احتجاجي ريلي جي تيارين جي سلسلي ۾ ڳڏجاڻي بدين شهر ۾ ٿي گذري جنهن ۾ احتجاجي ريلي ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ڪرائڻ جي رٿابندي ڪئي وئي، ريلي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

وارهه ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس ٽريزري آفيسر خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس ٽريزري آفيسر عبدالرئوف سومرو خلاف استاد تنظيم گستا پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

بااثر ڪاموري 2012 ۾ وڏي ڪرپشن ڪري ٽريزري آفيس جو نالو بدنام ڪيو هو ۽ استادن جا حق هڙپ ڪيا هئا : مظاهرين

عبدالرؤف سومرو جي ڪرپشن جي جاچ ڪري سندس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس ٽريزري آفيسر عبدالرئوف سومرو خلاف استاد تنظيم گستا پاران احتجاجي ريلي ڪڍي تعلقہ پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو، ريلي جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

وارهہ: ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ بدين جي
رهواسي زال مڙس پاران
حياتين جي تحفظ لاءِ احتجاج

ٽنڊو محمد خان(ڊ رمظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ ضلعي بدين جي رهواسي مسمات آمنہ شيخ سندس مڙس مهراب شهاڻي سان گڏ احتجاج ڪندي چيو آهي تہ اسان پنهنجي مرضي سان شادي ڪئي آهي هاڻي اسان جا عزيز جاني دشمن بڻجي ويا آهن هو اسان کي قتل ڪرڻ لاءِ ڳولا رهيا آهن جنهن ڪري اسان زال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

غوثپور ۾ عطائي ڊاڪٽر جي مبينہ غلط علاج سبب نوجوان فوت ٿيڻ وارو معاملو، صحت کاتي نوٽيس نہ ورتو

ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر قاسم، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر عبدالله آريجو ۽ هيلٿ ڪميشن جي ڊائريڪٽر راجيش ڪمار سان انڪوائري لاءِ پهچي ويو

ٽيم ۾ شامل صحت کاتي جي پنجن ئي اعلا عملدارن واقعي بابت تحقيقات شروع ڪري ڇڏي، ميڊيڪل سينٽر جو پڻ مڪمل معائنو ڪيو

نوجوان جي فوت ٿيڻ جو صحت کاتي نوٽيس ورتو آهي ۽ اسان انڪوائري ڪري صحت کاتي جي اعليٰ عملدارن ڏانهن موڪلينداسين : عملدار

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور ٽي ڏينهن اڳ شهر جي نجي ميڊيڪل سينٽر تي عطائي ڊاڪٽر جي مبينہ غلط علاج سبب فوت ٿي ويل نوجوان جميل اوگاهي جي معاملي جو صحت کاتي لاڙڪاڻي پاران نوٽيس ورتو، ڊائريڪٽر هيلٿ عبدالستار شيخ پنهنجي ٽيم جنهن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر قاسم، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر عبدالله آريجو ۽ هيلٿ ڪميشن جي ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

واپاري برادري پنهنجي صفن ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي کي برقرار رکن : محمد جاويد ميمڻ

تماڪو بازار جي ميمبرن بلامقابلي عهديدار چونڊي اتحاد ۽ يڪجهتي جو بهترين مثال قائم ڪيو آهي

اميد آهي تہ نوان چونڊيل عهديدار نندن واپارين جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا

گڏيل جدوجهد جي ذريعي واپارين کي درپيش مسئلا بهتر انداز سان حل ڪرائي سگهجن ٿا

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي تہ تماڪو بازار جي ميمبرن بلامقابلي عهديدار چونڊي اتحاد ۽ يڪجهتي جو بهترين مثال قائم ڪيو آهي، واپاري برادري پنهنجي صفن ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي کي برقرار رکن تہ جيئن گڏيل جدوجهد جي ذريعي واپارين کي درپيش مسئلا بهتر انداز سان حل ڪرائي سگهجن. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر : نون چونڊيل واپاري عهديدارن جو ورتل گروپ فوٽو

خانپور مهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو
هٿياربند واپاري کان هڪ لک ۽
موٽرسائيڪل ڦري فرار ٿي ويا

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر جي گبول مارڪيٽ ۾ ڏينهن ڏٺي هٿياربندن جي هندو واپاري پرين ڪمار جي دوڪان تي ڪام سندس ڀاءُ سنجي ڪمار کان نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي هڪ لک روپيہ ۽ موٽرسائيڪل ڦري ڪري فرار ٿي ويا وچ شهر ۾ هٿياربندن جي ڪارروائي سبب شهرين خوف پکڙيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو غلام حيدر پرسان نشي ۾ ڌت بااثر جي فائرنگ ۾ 16 سالہ پورهيت مارجي ويو

ڌت بااثر دانش ميگهواڙ جي سڌي فائرنگ ۾ سارين جي لاباري تي آيل ڪٽنب سان گڏ 16 سالہ پورهيت سومار ڪولهي قتل ٿي ويو

مقتول جي وارثن تي بااثر شخص جي پٽ کي بچائڻ ۽ پورهيت جو اتفاقي موت جاڻائڻ لاءِ غريب وارثن تي دٻاءُ وڌو پيو وڃي : ذريعا

پوليس پورهيت سومار ڪولهي جي قتل جي ابتدائي رپورٽ داخل ڪري ڇڏي هئي پر جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ نہ آئي

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر پرسان هڪ هفتو ٿيرين سومرا فارم وٽ نشي ۾ ڌت بااثر دانش ميگهواڙ جي سڌي فائرنگ ڪرڻ جي نتيجي ۾ سارين جي لاباري تي آيل ڪٽنب سان گڏ 16 سالہ پورهيت سومار ڪولهي پسٽل جون گوليون لڳڻ سبب فوت ٿي ويو 8 ڏينهن گذرڻ باوجود مک قاتل ٽنڊو غلام حيدر پوليس جي گرفتاري کان آجو ٻٽيل ذريعن موجب/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سکر ۾ مڇرن جي آزار ۽ مليريا جي بيماري کان عوام کي بچائڻ لاءِ اهم قدم

مختلف علائقن ۾ ضلعي ڪائونسل پاران اسپري ڪرائڻ وارو ڪم شروع ڪيو ويو

ضلعي ۾ مليريا ڦهلجي پيو جنهن کي روڪڻ لاءِ صحت کاتو بہ ڪم ڪري پيو : اڳواڻ

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ضلعي ۾ مڇرن جي آزار ۽ مليريا جي بيماري کان عوام کي بچائڻ لاءِ ضلعي ڪائونسل جو اهم قدم ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ چيف آفيسر سيد اڪبر علي شاهه معصومي جي هدايتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڏڙو پرسان لائقپور شهر ۾ عيد ميلادالنبي صہ جو اجتماع

حضرت علامہ عبدالقيوم اوٺار سميت ٻين علماءِ ڪرامن ۽ نعت خوانن جي شرڪت

هر طرف لبيڪ يارسول الله جون صدائون، ملڪ قوم ۽ فلسطيني مسلمانن لاءِ دعائون

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو پرسان لائقپور شهر ۾ عيد ميلادالنبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيهِ وَسَلَّمَ جو ديني اجتماع. شيخ الحديث مفتي قاضي محمد احمد نعيمي و نقشبندي، حضرت علامہ عبدالقيوم اوٺار سميت ٻين علماء ڪرامن ۽ نعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڏڙو : جشن عيد ميلاد النبي صہ جي تقريب کي عالم خطاب ڪري رهيا آهن

ٺٽو: پاڪ نيوي انتظاميہ اسڪول قادر ڏنو شاهه پراڻي سعيدپور کي ايڊاپٽ ڪري ورتو

اسڪول کي ضروري سامان ڏيڻ بعد عمارت جي مرمت جو ڪم پڻ شروع ڪري ڇڏيو

اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي ميڊم ثمرين اڪرم ميمڻ نيوي جي آفيسرن جا ٿورا مڃيا

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان نيوي پاران ٺٽي سجاول روڊ تي برسات ۾ ٻوڏ سبب تباهه ٿيل اسڪول قادرڏنو شاهه پراڻي سعيدپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نئون ديرو پرسان حسن واهڻ لاڙي وٽ روڊ حادثو، 2 ڄڻا زخمي

حادثي ۾ اياز ڏوڪي ۽ ميتلا ڳوٺ واسي علي مدد ميتلو زخمي ٿي پيا

واقعي بعد موٽرسائيڪل مالڪ موٽرسائيڪل ڪاهي موقعي تان فرار ٿي ويو

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺي) نئون ديرو پرسان حسن واهڻ لاڙي وٽ روڊ حادثو 2 ڄڻا زخمي حادثي ۾ نئون ديرو جي غريب آباد پاڙي واسي اياز ڏوڪي ۽ ميتلا ڳوٺ واسي علي مدد ميتلو زخمي ٿي پيا جن کي نئون ديرو اسپتال آندو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

اسلام ڪوٽ جي ٽرانسيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي ۾ تقريب

مختلف ڪورس ڪندڙ شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ۽ بهتر ڪارڪردگي جا ايوارڊ ڏنا ويا

نريندر سوٿهڙ شاگردن کي جديد دور جي ٽيڪنالاجي بابت تمام اهم ڄاڻ ڏني

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ جي ٽرانسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي ۾ هڪ تقريب ٿي گذري جنهن ۾ اسلام ڪوٽ ٽائون چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

Prime Minister's Youth
Skills Development Program
اسلام ڪوٽ : تقريب دوران شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا پيا وڃن

ڏڙو ۾ انتهائي غريب پورهيت جيري جي بيماري ۾ مبتلا

ڳوٺ بچو ماڇي ۾ نوجوان پورهيت محمد حسن ماڇي جيري جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو

پورهيت بيماري سبب بي يارو مددگار زندگي ۽ موت جي ٻہ واٽي تي بيٺل، واهر جي اپيل

ڏڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ انتهائي غريب پورهيت جيري جي بيماري ۾ مبتلا، حالت خراب، علاج ڪرائڻ جي گهر. تفصيل موجب ڏڙي ويجهو ڳوٺ بچو ماڇي ۾ نوجوان پورهيت محمد حسن ماڇي جيري جي بيماري ۾ مبتلا ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز ايس ايس پي آفيس ۾ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪاميٽي جو انعقاد

اجلاس دوران پوليس جي 29 ڪانسٽيبلز کي سينارٽي جي بنياد تي اڳئين درجي ۾ ترقي

حاڪم علي سولنگي، دوست محمد مشوري، علي حسن سولنگي، الله ڏنو خشڪ ۽ ٻيا شامل

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ايس ايس پي آفيس ۾ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪاميٽي جو انعقاد. نوشهروفيروز پوليس جي 29 ڪانسٽيبلز کي سينارٽي جي بنياد تي اڳئين درجي ۾ ترقي. تفصيلات جي مطابق اج ايس ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز : پوليس اهلڪارن جي پروموشن بابت ٿيل اجلاس جو ڏيک

پرياروڊ پرسان شادي شده ناري مبينا آپگهات ڪري ڇڏيو

19 ورهين جي شادي شده ناري مسمات ماروي شر گهرو اڻبڻت زندگي جو ڏيئو اجهايو

پوسٽ مارٽم بعد حقيقت سامهون ايندي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون : پوليس

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پرياروڊ پرسان شادي شده ناري مبينا طور اناج واريون زهريليون گوريون کائي آپگهات ڪري ڇڏيو گهر ۾ ڪهرام خبر موجب پريا روڊ جي ايريگيشن آفيس ويجهو رهندڙ شر برادري جي 19 ورهين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دالي شهر پرسان نامعلوم شخص بيماريءَ جي حالت ۾ هٿ

ڊاڪٽرن توڙي عملي پنهنجو فرض نڀائيندي لاوارث مريض جو علاج ڪرڻ شروع ڪيو

انتظاميہ پاران الفريد ايڪسپريس ذريعي ڪيس ٽڪيٽ ڏياري لاهور روانو ڪيو ويو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)20 ڏينهن اڳ دالي شهر پرسان نيشنل ها، وي تان هٿ آيل نامعلوم شخص بيماريءَ جي حالت ۾ بي يارو مددگار بک ۽ اڃ سبب تيز بيهوشي ۾ مليو جنهن کي ڪٽائي پريا اسپتال آندو ويو جتان ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

اسان عوام سان هر وقت گڏ آهيون : شفقت شاهه شيرازي

اسان ضلعي جي عوام کي اڪيلو نہ ڇڏيو آهي نہ ڇڏينداسين

سجاول جي عوام سدائين اسان کي موٽ ڏني آهي، هاڻي بہ اسان سان گڏ آهي

سجاول(رپورٽر) سجاول شهر جي وارڊ 8 رهواسي اپلائا فوم پاران شيرازي گروپ جي سرواڻ اڳوڻو ضلعي ناظر سيد شفقت حسين شاهه شيرازي اڳوڻو ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي نصير شاهه شيرازي چيئرمين آفتاب شاهه شيرازي جنرل ڪائونسلر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سجاول: تقريب دوران اڳواڻ ويٺل نظر اچي رهيا آهن

ٽنڊو باگو پرسان نوجوان زاهد علي جمالي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

معصوم نياڻي فلڪ جمالي، پٽ شاهه زيب جمالي، ڀائرن الهداد، الطاف، همت علي، عبدالرحمان ۽ اسماعيل جمالي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

زاهد علي جمالي جا قاتل خدا ڏنو جمالي، جاويد ۽ رعوب علي جمالي جن تي ٽنڊو باگو ٿاڻي تي قتل جي ايف آءِ داخل ٿيل آهي پر پوليس ڪارروائي نہ ٿي ڪري : مظاهرين

جوابدار سرعام گهمي رهيا آهن ۽ اسان کي زاهد جي قتل ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو باگو(رفاقت جروار) ٽنڊو باگو پرسان ڳوٺ محمد حنيف جمالي ۾ ٻہ مهينا اڳ قتل ٿيل نوجوان زاهد علي جمالي جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ زاهد علي جمالي جي معصوم نياڻي فلڪ جمالي، پٽ شاهہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو باگو : نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دولتپور صفن ۾ جشن عيد
ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم
بابت عظيم عاليشان جلسو

دولتپور صفن(رپورٽر) دولتپور ڀاءُ پاس تي مدرسا دارلعلوم صبغت السلام جي اڳواڻ حضرت علامہ مولانا سائين مولا بخش سڪندر جي اڳواڻي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليہ وسلم جي حوالي سان عظيم عاليشان جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ جماعت اهلسنت جي سنڌ جي مشهور عالم دين حضرت علامہ مولانا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو غلام علي پرسان عورت پاران مڙس ۽ ڀائرن خلاف احتجاج

مڙس ٻين مردن سان ناجائز لاڳاپا رکڻ لاءِ تشدد ڪري اٽوٽنڊڙ زبان استعمال ڪندو هو : خالده لاشاري

نوٽيس وٺي مڙس سميت ڀائرن خلاف ڪارروائي ڪري مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

نئون ڪوٽ(رپورٽر) ٽنڊو غلام علي پرسان ڳوٺ حسين بخش ميمڻ جي رهواسڻ ناري خالده لاشاري مڙس ۽ ڀائرن جي ظلم خلاف نئون ڪوٽ پريس ڪلب پهچي دانهيندي چيو تہ منهنجو مڙس نور محمد لاشاري غير مردن سان ناجائز لاڳاپا رکڻ لاءِ مون تي تشدد ڪري اٽوٽنڊڙ زبان استعمال ڪندو هو جنهن جي ڪري مون انهي جي ظلم کان تنگ ٿي گهران نڪري خلع وٺڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪامياب پوليو مهم جو ڪريڊٽ محنتي ورڪرن ڏانهن وڃي ٿو : ڊي سي گهوٽڪي

پوليو مهم ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ورڪرن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ فراهم ڪيا وڃن

پوليو مهم بعد بہ ميڊيڪل آفيسرن توڙي ورڪرن کي غير سرگرم نہ ٿيڻ گهرجي

هي هڪ قومي ڪاز آهي جنهن جي ڪاميابي لاءِ مسلسل فعال ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي

گهوٽڪي(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان چيو آهي تہ پوليو مهم ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ورڪرن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ فراهم ڪيا وڃن. ڪامياب پوليو مهم جو ڪريڊٽ محنتي ورڪرن ڏانهن وڃي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ پوليو مهم بعد واري صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪوٺايل ڳڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. ڳڏجاڻي ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهوٽڪي : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

موسيقي روح جي غذا سان
گڏ اظهار جو بهترين سلسلو
آهي : راڳي رجب فقير

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) سنڌ جي ناليواري راڳي استاد رجب فقير چيو آهي تہ موسيقي روح جي غذا سان گڏ اظهار جو بهترين سلسلو آهي، اهڙن خيالن جو اظهار هن ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ چيئرمين غلام نبي ڪيريو، جنرل سيڪريٽري امتياز مگريو، عبدالجبار بلوچ، عبدالحفيظ ميمڻ، خان عباسي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 7 ٻارن جو پيءُ قتل

مظهر علي ڌهر کي اڻڄاتل هٿياربند فائرنگ ڪري بيدردي سان قتل ڪري فرار ٿي ويا

اسان جي ڪنهن سان بہ دشمني ناهي، پاءُ کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي : وارث

پوليس 12 ڪلاڪن اندر نامعلوم جوابدارن جو پتو لڳائي کين گرفتار ڪري ورتو

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان ڪچي واري علائقي سعدپور پوليس ٿاڻي جي حد زميندار عبدالمجيد آرائين جي زمين تي ڪم ڪندڙ هاري ڳوٺ فتح پور جي رهواسي 42 سالا 7 ٻارن جو پيءُ مظهر علي ولد علي نواز ڌهر کي اڻڄاتل موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن پاران فائرنگ ڪري بيدردي سان قتل ڪري فرار ٿي ويا، پوليس پهچي لاش کي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال دادو منتقل ڪيو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڌڪوٽ ۾ نياڻين جي عالمي ڏينهن بابت سماجي تنظيم پاران تقريب

ٻارڙن نعت، قومي ترانو، ملي نغمو ۽ ٽيبلو پيش ڪيو ۽ نياڻين جي تعليم بابت اسٽيج ناٽڪ پيش ڪيو

اسان پٺ تي پيل علائقن اندر شعور پيدا ڪيون تہ جئين والدين پنهنجون نياڻيون پڙهائن : ڊپٽي ڪمشنر

علمي دور ۾ نياڻيون ان بنيادي حق کان محروم هونديون تہ سان ڪڏهن بہ اڳتي وڌي نہ سگهنداسين

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) اسان پٺ تي پيل علائقن اندر شعور پيدا ڪيون تہ جئين والدين پنهنجون نياڻيون پڙهائن تہ جئين اهي پنهنجي ڳوٺ، شهر ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪن. ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور امير فضل اويسي، ڪنڌڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

acted
unicef
Pakistan first emergency response-2022 project "Education Cannot Wait"
Happy International Day of the Girl Child
غوثپور : تقريب دوران اڳواڻن جو ورتل فوٽو

12آڪٽوبر 1999ع ملڪ جي
سياسي ۽ جمهوري تاريخ جو ڪارو
ڏينهن هو : اعظم خان لوهاڻي

ڪورنگي(رپورٽر) جيڪڏهن پاڪستاني آئين کي معطل ڪندڙ آمر عبرت جو ڪم ڪري ها تہ 2018 جي اليڪشن چوري ڪرڻ جي ڪنهن کي جرئت نہ ٿئي ها، محمد نواز شريف جي 21 آڪٽوبر تي وطن واپسي پاڪستان ۾ معاشي دهشتگردي ۽ آءِ ايم ايف کان رليف جو مرڪز ثابت ٿيندي، خبرموجب پاڪستان مسلم ليگ (ن) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

عوام جا مسئلا سندن در تي حل ڪيا ويندا : قاسم نويد قمر

بجلي، صاف پاڻي، تعليم ۽ صحت جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪنداسين

ٽنڊي محمد خان جي تعمير ۽ ترقي اسان جو مشن آهي، عوام جي خدمت ڪبي

شاهه ڪريم جي عوام هميشہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ساٿ ڏنو آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) عوام جا مسئلا سندن در تي حل ڪيا ويندا. بجلي، صاف پاڻي، تعليم ۽ صحت جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا. ٽنڊي محمد خان جي تعمير ۽ ترقي اسان جو مشن آهي، ضلعي چيئرمين سيد قاسم نويد قمر جو ٽائون ڪميٽي بلدي شاهه ڪريم ۾ منعقد ٿيل کلي ڪچهري ۾ خطاب. خبر موجب ضلعي چيئرمين سيد قاسم نويد قمر جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽالپر وڍا پرسان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول محراب علي سوڍڙو جي عمارت زبون حالي جو شڪار

عمارت جا در-درين-ديوارون-فرش ۽ ڇت ٽٽي وئي، اسڪول ۾ زير تعليم شاگرد ۽ استاد ڪلاسن ۾ وهڻ کان قاصر

1995 ۾ اسڪول کي مڊل اسڪول مان اپ گريڊ ڪري هاءِ اسڪول ڪيو ويو پر ڪيس نہ ملي سگهي

اسڪول جي ديوارن دروازن ۽ درين، فرش ۽ فرنيچر کي وڏو نقصان رسيو اختياريون خاموش، نوٽيس وٺڻ جي گهر

ٽالپروڍا(رپورٽر) ٽالپر وڍا پرسان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول محراب علي سوڍڙو جي عمارت زبون حالي جو شڪار. عمارت جا دردرين ديوارون فرش ۽ ڇت ٽٽي وئي، اسڪول ۾ زير تعليم شاگرد ۽ استاد ڪلاسن ۾ وهڻ کان قاصر. سال 1995 ۾ اسڪول کي مڊل اسڪول مان اپ گريڊ ڪري هاءِ اسڪول ڪيو ويو پر ڪيس نہ ملي سگهي، گذريل سال ۾ پيل برسات ۽ سيلابي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽالپروڍا : انتظاميہ جي نااهلي سبب زبون حال ٿيل اسڪول جي ڇت جو ڏيک

ڪوٽڏيجي ۾ اسڪارپ واپڊا
کاتي جي نااهلي سبب سالن کان بند
پيل ٽيوب ويل چالو نہ ٿي سگهيا

ڪوٽڏيجي(رپورٽر) تعلقي ڪوٽڏيجي ۾ اسڪارپ واپڊا کاتي جي نااهلي ۽ بي ڌياني سبب سالن کان بند پيل ٽيوب ويل چالو نہ ٿي سگهيا. ٽيوب ويلن جا ٽرانسفارمر، موٽر ۽ قيمتي مشينري اسڪارپ واپڊا جي راشي ڪامورن وڪرو ڪري ڇڏيا سالن کان ٽيوب ويل نہ هلڻ سبب سم ۽ ڪلر ۾ واڌ. هزارين ايڪڙ زرعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪوٽ غلام محمد ۾ فلسطيني مسلمانن جي حق ۽ اسرائيل جي بربريت خلاف احتجاجي مظاهرو

عبدالله مري جي اڳواڻي ۾ فلسطين جي مسلمانن جي حق ۾ ۽ اسرائيل جي بربريت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

احتجاجي ريلي ۾ اسڪولي شاگردن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

فلسطين مسلمان ملڪ آهي اسين فلسطين سان گڏ آهيون، عالمي برادري ظلمن جو نوٽيس وٺي : مظاهرين جون دانهون

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ جو تعلقہ صدر عبدالله مري جي اڳواڻي ۾ فلسطيني مسلمانن جي حق ۾ ۽ اسرائيل جي بربريت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن ۾ اسڪولي شاگردن شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي، خبر موجب: ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب اڳيان پاڪستان مرڪزي مسلم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 12 آڪٽوبر 2023ع

اصلوڪين ٻولين لاءِ "ڊيٿ وارنٽ" جهڙو فيصلو

يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن مان جوڙ مٽائي هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايچ اِي سي) پاڪستان بڻيل اداري تدبر کان خالي فيصلو ڪندي يونيورسٽين کي هنگامي بنيادن تي ڪورس ۾ اهم تبديلين جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. انهن هدايتن جو تت يا لبِ لباب اهو آهي ته يونيورسٽين ۾ داخل ٿيندڙ نون شاگردن کي نئون ڪورس پڙهايو وڃي. ايچ اِي سي طرفان جاري ڪيل هدايتن ۾ چيو ويو آهي ته. سوشل سائنسز ۽ آرٽس جا شاگرد به هاڻي نيچرل سائنس جو مضمون لازمي پڙهندا. ائين نيچرل سائنس جا شاگرد آرٽس يا هيومنٽيز جو مضمون لازمي پڙهندا. بي اي سطح تائين شاگردن کي به مضمون اسلاميات يا اخلاقيات ۽ پاڪستان جو نظريو ۽ پاڪستان جو آئين لازمي (Compulsory)طور پڙهڻا پوندا. عمل کان وٺيرڪين ايچ اِي سي جي انهن پاليسين سان سنڌيءَ سميت سمورين اصلوڪين ٻولين جا لازمي (Compulsory)پڙهائڻ واري حيثيت ڪسجي ويندي. اهڙي تبديلي سان هاڻي شاگرد بي اي جي ٻئي سال ۾ سنڌي يا اردو لازمي (Compulsory) پڙهڻ بدران آرٽس ۽ هيومنٽيز منجهان پنهنجي مرضي جو ڪو مضمون کڻي سگهندا.

دنيا ۾ هزارين ٻوليون پنهنجي بقا ۽ وجود جي جنگ وڙهي رهيون آهن. اصلوڪيون ٻوليون ختم ٿينديون وڃن ۽ ايچ اِي سي جهڙا ادارا عقل کان عاري پاليسين ذريعي انهن جي فنا ۽ خاتمي وارو تسلسل تيز ڪري رهيا آهن. خطري هيٺ آيل اهڙين ٻولين ۾ سنڌي ٻولي پڻ شامل آهي. هن ملڪ ۾ مقامي اصلوڪين ٻولين سان ڪهڙو حشر ڪيو ويو آهي، تنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته انهن ٻولين کي قومي ٻوليون تسليم نه پيو ڪيو وڃي. ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان قانونسازي ۾ رنڊڪون وڌيون وڃن ٿيون. بنگلاديش جو بنياد 1971ع ۾ ڪو نه پيو هو پر حقيقت ۾ اهو تڏهن پئجي چڪو هو جڏهن بنگالي ٻوليءَ جي حق کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو. اهڙا ئي رويا سانحن کي جنم ڏيندا آهن ۽ حڪمران طبقا اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ تيار ئي ناهن. هي ملڪ ڪنهن ٻئي سانحي جو متحمل نٿو ٿي سگهي. هن ملڪ جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي ان تي تجربا ٿيندا رهيا آهن. هر حڪمران پنهنجين ترجيحن جا "مينو" کڻي ايندو رهيو آهي. اهڙو ئي تجربو هن ڀيري پڻ يونيورسٽي جي ڪورس ۾ تبديلي جي حوالي سان پڻ ڪيو پيو وڃي. هڪ ته تعليم جي خانگي شعبي کي اڳتي وڌڻ ۽ منافعي جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ هٿ وٺي تعليم جي سرڪاري شعبي کي تباهه ڪيو ويو آهي. وڏن ننڍن شهرن ۾ خانگي اسڪول ڪنيين وانگر ڦٽي پيا آهن. جن مان اڪثريت اهڙن اسڪولن جي آهي، جتي ٻارڙن کي سنڌي مادري ٻولي نٿي پڙهائي وڃي ۽ جن اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي وڃي ٿي، اتي به سنڌي شاگردن کي آسان سنڌي پڙهڻي پوي ٿي. گهڻن اسڪولن ۾ ته ٻارڙن تي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ تي پڻ پابندي هوندي آهي ۽ مائٽن کي پڻ چيو ويندو آهي ته اهي ٻارن سان گهر ۾ به انگريزيءَ ۾ يا وڌ ۾ وڌ اردوءَ ۾ ڳالهائين. مادري ٻوليءَ سان لاتعلقي واري ان ماحول ۾ اسري، اهو شاگرد جڏهن يونيورسٽي پهچي ٿو ته سنڌي لازمي (Compulsory)جو مضمون پڙهائڻ سان هو پنهنجي ٻوليءَ، ادب سان ربط ۾ رهي ٿو پر هاڻي جڏهن سنڌي لازميءَ (Compulsory)واري مضمون جو آپشن ختم ڪري ان کي ڪو ٻيو اختياري مضمون کڻڻ جي آزادي ملي پوندي ته ٿورو سوچيو ته سنڌي ٻولي ڪٿي وڃي بيهندي؟

اسان هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان طرفان ڪورس ۾ تبديلين لاءِ يونيورسٽين کي هدايتن کي انتهائي ڳڻتيءَ جي نگاهه سان ڏسون ٿا. ايچ اِي سي جي انهن تازين هدايتن سان سنڌيءَ ٻوليءَ سميت اصلوڪين ٻولين تي هاڃيڪار اثر پوندا. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ به اصلوڪين ٻولين جي "ڊيٿ وارنٽ" جهڙي ان فيصلي تي عمل ڪيو ويو ته اڳ ئي پنهنجي بقا ۽ وجود جي جنگ وڙهندڙ سنڌيءَ ٻوليءَ جي تباهي جو تسلسل تيز ٿيندو. انڪري ايچ اِي سي کي ڪنهن به اهڙي فيصلي جو حق نه هئڻ گهرجي جنهن سان ملڪ جي اصلوڪين ٻولين لاءِ خطرا وڌي وڃن.

اسرائيل تي ويڙهاڪ تنظيم حماس جو حملو

تحرير: سڪندر چنو

غزا جي پٽي مان اسرائيل تي فلسطيني فوجي تنظيم حماس جي ڪيل اوچتي حملي کي سالن کان هلندڙ ڇڪتاڻ ۾ هڪ اهم موڙ قرار ڏنو پيو وڃي. ۽ دنيا جا ملڪ حماس پاران اسرائيل تي ڪيل حملي تي وڏي تعجب ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته اسرائيل تي حماس جيتني طرفان ڪان نه رڳو حملو ڪيو ۾ پيراشوٽ ذريعي مجاهد اسرائيل جي شهرن ۾ لهي پيا ۽ ڪيترن ئي اسرائيلي فوجن ۽ هڪ ميجر جنرل کي اغوا ڪري ڪٺي ويا. جيڪا هڪ وڏي تعجب ڏيندڙ ڳالهه آهي. دنيا کي ان ڳالهه تي به تعجب آهي ته ايڏي وڏي حملي جي منصوبابندي ڪندي اسرائيل جي خفيہ ايجنسي موساد کي به خبر پئجي نه سگهي. يعني ان مان لڳي ٿو ته حماس ڪافي سالن کان پوءِ هڪ وڏي پلاننگ تحت اسرائيل تي حملو ڪيو ۽ ان جي ٽوٽل خفيہ ادارن کي جام ڪري ڇڏيو فلسطيني ويڙهاڪ تنظيم موساد اسرائيل مٿان زميني، فضائي ۽ بحري حدن کان حملو ڪيو آهي. جنهن ۾ اسرائيل کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي.

بحرحال اسرائيل_فلسطيني تڪرار ۾ اسرائيلي فوج ۽ حماس ڪيترائي ڀيرا آمهون سامهون ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترائي ڀيرا هفتن تائين هڪ ٻئي سامهون وڙهندا رهيا آهن. بحرحال حماس جي تازي ڪارروائي کي ڪيترن ئي رخن سان غير معمولي قرار ڏنو پيو وڃي. ان ڪارروائي ڪانپوءِ حماس هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي خبرن ۽ تجزين ۾ ڌيان جو مرڪز بڻيل آهي. حماس جي وجود ۽ غزا ۾ ان جي ڪنٽرول کي سمجهڻ لاءِ غزا پٽي جي تاريخي پس منظر کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. غزا جي پٽي ۽ حماس جي وجود جي تاريخ جو تعلق گهڻو ڪري غزا جي پٽي سان سلهاڙيل آهي. غزا جي 40 ڪلوميٽر ڊگهي ۽ 10 ڪلوميٽر ويڪر واري علائقي کي اسرائيل ۽ مصر جي وچ ۾ غزا جي پٽي سڏيو وڃي ٿو.

1948ع جي جنگ ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ اسرائيل جي وجود کان اڳ هي علائقو انگريزن جي "فلسطيني مينڊيٽ" جو حصو رهيو آهي. پاڻ کي ياد رکڻ گهرجي ته فلسطين جو علائقو پهرين عالمي جنگ تائين عثمانيہ سلطنت ۾ شامل هو League of Nationليگ آف نيشنز 1922ع ۾ پهرين عالمي جنگ کانپوءِ بين الاقوامي تڪرارن جي حل لاءِ قائم ڪئي وئي. ليگ آف نيشنز فلسطين کي برطانوي انتظاميا جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن کي 'مينڊيٽ فلسطين' جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو ۽ غزا کي به ان ۾ شامل ڪيو ويو بعد ۾ 1947ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ مينڊيٽ جي خاتمي کان اڳ فلسطيني علائقن کي عربن ۽ يهودين لاءِ هڪ الڳ اسرائيلي رياست ۾ ورهائڻ جو منصوبو منظور ڪيو ويو ان منصوبي موجب غزا ۽ ان جي پرياسي وارا علائقا عربن کي ڏنا ويا .برطانوي مينڊيٽ 15 مئي 1948ع تي ختم ٿي ويو ۽ ان ئي ڏينهن تي عرب ۽ اسرائيل ۾ جنگ شروع ٿي ويئي. جنهن جي نتيجي ۾ اسرائيل جو وجود عمل ۾ آيو هن جنگ جي شروعات ۾ غزا ۽ ان جي پرياسي وارا علائقا عربن کي ڏنا ويا . پاڙيسري عرب ملڪ مصر جون فوجون 1948ع ۾ غزا ۾ داخل ٿيون سخت جنگ دوران عربن جي هٿن مان ڪيترائي علائقا وڃائڻ ڪان پوءِ ان جون حدون گهٽائي هڪ پٽي تائين محدود ڪيون ويون. جنهن کي غزا جي پٽي سڏيو وڃي ٿو 1967ع جي عرب اسرائيل جنگ ۾ اسرائيل غزا، ويسٽ بئنڪ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو ۽ اهي علائقا به حاصل ڪري ورتا. جن ۾ اوڀر يروشلم شامل آهي. فلسطيني انهن ٽنهي علائقن کي مستقبل ۾ پنهنجي تجويز ڪيل الڳ رياست جو حصو سمجهندا ايندا رهيا آهن اسرائيل جي وجود لاءِ ٿيندڙ جنگ دوران فلسطينين جي وڏي انگ غزا ۾ پناهه ورتي. انهن پناهگير خاندانن جي آبادي لڳ ڀڳ 1.7 ملين تائين وڌي وئي آهي. جڏهن ته غزا جي ڪل آبادي لڳ ڀڳ 2.1 ملين آهي 1987ع ۾ غزا ۾ "انتفاضہ" جي نالي سان پهرين مزاحمتي تحريڪ اڀري.

ساڳئي سال ۾ حماس قائم ڪئي وئي ۽ بعد ۾ اسرائيل جي قبضي ۾ فلسطين جي علائقن تائين پکڙجي ويئي. جنهن تي اسرائيل جو قبضو آهي. حماس جيڪا شيعہ تنظيم آهي ان کي ايران جي مڪمل حمايت حاصل آهي. ۽ نظرياتي طور اخوان المسلمون جي پيروڪار آهي. جيڪا 1920 ۾ مصر ۾ قائم ڪئي ويئي. 1990ع جي ڏهاڪي ۾ اوسلو امن معاهدي جي نتيجي ۾ فلسطيني اٿارٽي قائم ٿي جنهن کي غزا ۽ ويسٽ بئنڪ تائين محدود اختيار ڏنا ويا.

حماس 2007ع ۾ صدر محمود عباس جي اڳواڻي ۾ فتح مومينٽ سان گڏ مختصر گهرو ويڙهه کان پوءِ غزا تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو فلسطيني لبريشن آرگنائيزيشن PLOسان گڏ هلندڙ انتظاميہ مغربي ڪناري تي قائم آهي. حماس 2006 جي فلسطيني پارلياماني چونڊن کان پوءِ غزا تي ڪنٽرول ڪيو ان کان پوءِ هتي ٻيهر چونڊون نه ٿيون ان وقت حماس محمود عباس تي الزام هنيو ته هو انهن خلاف سازش ڪري رهيو آهي، جڏهن ته محمود عباس حماس جي غزا تي قبضي کي بغاوت قرار ڏنو هو

حماس شروعات کان وٺي اسرائيل جي رياست کي تسليم نٿو ڪري ۽ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ پي ايل او ۽ اسرائيل وچ ۾ ٿيل اوسلو معاهدي جي به خلاف آهي. اسرائيل سان تڪرار غزا جو ڪنٽرول حماس جي هٿ ۾ وڃڻ کان پوءِ ڪيترائي ڀيرا اسرائيل سان ڇڪتاڻ ٿي چڪي آهي، گهڻو ڪري حماس غزا کان اسرائيل مٿان راڪيٽ فائر ڪرڻ کان شروع ٿيا. جنهن جي جواب ۾ غزا تي اسرائيلي هوائي حملا ڪيا پيا وڃن. فوجي ونگ الشهداء جو نالو آهي. عزالدين القسام برگيڊ ويڙهاڪن ۽ خودڪش بمبارن کي اسرائيل ۾ موڪلي ٿو حماس اسرائيل جي خلاف پنهنجي فوجي آپريشن کي اسرائيلي قبضي جي خلاف مزاحمت سڏيو هيو 1988 ۾ پاڻ کي قائم ڪرڻ لاءِ حماس ڪن چارٽر ٺاهيو هو ۽ 1967ع ۾ حماس اسرائيل کي تباهه ڪرڻ جو اعلان ڪيو هيو. فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جو ذميوار حماس 1967ع جي ڇهن ڏينهن واري جنگ دوران اسرائيل جي قبضي هيٺ آيل علائقن تي قبضو ڪري چڪو هو حماس ۽ اسرائيل جي وچ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڊگهي جنگبندي به ٿيندي رهي آهي. جنهن کي عربيءَ ۾ 'هدنا' چئبو آهي.

حماس کي اسرائيل، آمريڪا، يورپي يونين، ڪئناڊا، مصر ۽ جاپان پاران ان کي دهشتگرد تنظيم قرار ڏئي چڪا آهن. حماس جا اتحادي فلسطيني علائقن ۾ ڪارروايون سان گڏ وچ اوڀر ۾ آمريڪي پاليسين ۽ اسرائيل جي مخالفت ڪندڙ اتحاد جو حصو آهي. جنهن ۾ ايران، شام ۽ لبنان جي شيعہ ويڙهاڪ گروپ حزب الله پڻ شامل آهن. ان جا اڳواڻ قطر سميت وچ اوڀر جي ٻين ملڪن ۾ پکڙيل آهن.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اسرائيل تي حماس جي حملي ڪانپوءِ آمريڪي صدر جوبائيڊن اسرائيل کي 6 ارب ڊالرن جي هنگامي فوجي امداد جي منظوري ڏني آهي. ان ڪري مسلمان ملڪن جن ۾ سعودي عرب، ڪويت، بحرين، قطر، متحده عرب امارات، پاڪستان ۽ باقي ٻيا مسلمان ملڪ شامل آهن. موجوده صورتحال ۾ فلسطين جي جنگ وڙهندڙ حماس جي لاءِ ڪيتري امداد منظور ڪئي آهي؟ موجوده حالتن پٽاندڙ فلسطين ان ڳالهه جا گهرجائو آهن ته مسلمان ملڪ گڏجي فلسطين جي لاءِ وڙهندڙ حماس ۽ حزب الله گروپ جي وڌ ۾ وڌ مالي توڙي فوجي مدد ڪئي وڃي ته جيئن آمريڪا جي پلو اسرائيل کي خبر پوي ته مسلمان هاڻي سجاڳ ٿي چڪا آهن. ۽ ڪڏهن به اسرائيل کي سڪون سان ويهڻ ڪرڻ ڏيندا. ان لاءِ سعودي عرب سميت ٻين عربن ملڪن کي گهرجي ته اهي حماس جي دل کولي مالي مدد ڪن ڇاڪاڻ ته اهي دنيا ۾ امير ترين ملڪ آهن ۽ انهن جي معاشي حالتون به ٻين ملڪن کان تمام گهڻيون بهتر آهن. باقي مسلمان ملڪن کي گهرجي ته اهي حماس لاءِ فوجي امداد جي مدد ڪن. چين، روس، ڏکڻ ڪوريا ۽ ٻين لڪن اسرائيل جي وحشياڻي ڪارروائين جي سخت مذمت ڪئي آهي.

جنرل اسيمبليءَ ۾ تازو آمريڪي صدر جو بائيڊن دنيا جي ملڪن تي زور ڏنو ته هو حماس جي ڪيل حملي جي مذمت ڪن پر سنڌس کي ان وقت مايوسي ڏسڻ ۾ آئي جڏهن پوري دنيا جي ملڪن سواءِ پارت، يورپ جي ملڪن باقي ٻين ملڪن ڪيس جواب ڏئي اجلاس مان نڪتا هليا ويا. هن وقت وچ اوڀر جون حالتون تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيون آهن ۽ تازو سعودي عرب پاران اسرائيل کي تسليم ڪرڻ وارو جيڪو منصوبو هيو في الحال ان تي پاڻي ڦري ويو آهي. ۽ سعودي عرب پڻ اسرائيل تي چٽي تنقيد ڪئي آهي. متحده عرب امارات ۽ ٻين عرب ملڪن اسرائيل ۽ حماس جن جي حملي جي حمايت ڪئي آهي نه مذمت ڪئي آهي. تازو افغان حڪومت ايران، عراق ۽ شام کان مطالبو ڪيو آهي ته فلسطين تائين پهچ لاءِ افغان مجاهدين کي رسائي ڏني وڃي. پاڪستان جيتوڻيڪ کُلي دل سان نه مذمت ڪئي آهي نه حمايت ڪئي آهي پر پوءِ به هميشہ جيان فلسطين ڀائرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي گڏ بيٺل آهي. جيتوڻيڪ پاڪستان جون معاشي حالتون بهتر نہ آهي پر پوءِ به پاڪستان پنهنجي وس آهر فلسطين ڀائرن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ هر اول دستي جيان بيٺل رهندو پيو اچي.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڄڻُ پَرِ پِرين جي.

غزا ۾ ٿيندڙ جنگ ۽ مسلمان ملڪن جو ڪردار

عبدالاحد گهنجو

7 آڪٽوبر جي ڏينهن اوچتو هماس تنظيم اسرائيل تي حملو ڪري پوري دنيا کي هلائي ڇڏيو. انهي حملي ۾ اسرائيل جا ڪيترائي ماڻهو مري ويا ۽ زخمي پڻ ٿيا. جنهن جي جواب ۾ اسرائيل وارن به فلسطين تي راڪيٽ لانچرن سان حملو ڪري انهن جا 1000 کان مٿي ماڻهو شهيد ڪري ڇڏيا آهن. پر افسوس جنهن ۾ ٻارن ۽ عورتن جو تعداد وڌ ۾ وڌ آهي. ۽ اها هڪ انتها درجي جي بيحسي آهي جو انسانيت جي تذليل کلي عام ٿي رهي آهي. هن وقت غذا جو شهر جنگ جو ميدان بڻجي ويو آهي ۽ هر طرف معصوم ۽ بي ڏوهي ماڻهن جا لاش ئي لاش پيا آ هن. وري اسرائيل وارن جي ظلم جي انتها ته ڏسو جو غذا شهر وارن جو پاڻي گاڏو ۽ بجلي به بند ڪري ڇڏي آهي جنهن جي ڪري اهي ويچارا شهري وڌيڪ مصيبتن ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن کي بيمارين وٺ ڪري رهيون آهن. هن وقت هڪ غذا وارن تي حملي جي مٿان حملا ٿي رهيا آهن ۽ ٻيو هر طرف خوف وارو ماحول وري انهن جي فانشلي حالت ڪمزور ته پوءِ اها معصوم ماڻهو ڪيئن پنهنجو علاج ڪرائيندا ۽ ڪئين پنهنجي زندگي بسر ڪندا. غذا شهر وارن جي زندگي هن وقت مڪمل طرح مفلوج ۽ بي بس ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. هن وقت اسرائيل سرڪار طرفان مڪمل طرح جنگ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

جنهن جي ڪري هاڻي هر روز بي ڏوهي ماڻهو شهيد ٿين ٿا. هوڏانهن وري يونائيٽيڊ نيشن طرفان انهي جنگ کي روڪڻ لاءِ هڪ اجلاس ڪوٺايو جيڪو بغير ڪنهن نتيجي جي ختم ٿي ويو ۽ اها هڪ افسوس جي پڻ ڳالهه آهي. ۽ ٻي طرف آ مريڪا برطانيا ۽ يورپي ملڪن هن وقت تائين ڪو به مثبت ڪردار ادا نہ ڪيو آهي ۽ تاريخ گواهه آهي آمريڪا هميشہ اسرائيل جي اسلام خلاف ناجائز سپورٽ ڪئي آهي ۽ فلسطين وارن مسلمانن کي ظلم جو نشانو بڻايو آهي جنهن جي ڪري اسلام خلاف پوري دنيا ۾ سازشون وڌيون آهن ۽ انتهاپسندي دهشتگردي فرقيواريت کي پڻ غلط هٽي ملي آهي. جيڪڏهن تاريخ تي هڪ نظر وجهندا سين ته اسان کي خبر پوندي يهودي لابي هميشہ اسلام خلاف ٿي ڪم ڪيو آهي. جڏهن کان اسرائيل رياست قائم ٿي آ هي تڏهن کان وٺي يهودين فلسطين وارن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيا آهن. اصل ۾ اسرائيل ۽ فلسطين جي وچ ۾ جنگ ويهين صدي جي وڏي ۾ وڏي جنگ آهي. فلسطين ۽ اسرائيل جي وچ ۾ جنگ جي شروعات 1947 کان ٿي ۽ جيڪا 1949 ۾ ختم ٿي. ان نتيجي ۾ 14 مئي1948ع تي اسرائيل رياست وجود ۾ آئي. جنهن ڪانپوءِ اج ڏينهن تائين فلسطين ۽ اسرائيل جي درميان وقتن با وقت جنگ جاري رهي ٿي. ۽ اسرائيل وارن کي وڌ ۾ وڌ هٿيار ۽ اسلو آ مريڪا جهڙا ملڪ سپلاءِ ڪن ٿا. ٻيو ته يروشلم جي سرزمين تي موجود مسجد اقصا تي به هميشہ يهودين جو ناجائز جهيڙو ۽ قبضو رهيو آهي. مسجد اقصا اها مقدس ۽ تاريخي مسجد آهي جتي پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم معراج جي رات سڄن پيغمبرن جي امامت ڪرائي هئي ۽ پوءِ مٿي آ سمانن جو وجي سير ڪيائين ۽ الله سائين جو وجين ديدار ڪيائين. ان ڪري مسجد اقصا اسان مسلمانن لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي پر يهودي هميشہ ان کي پنهنجي مسجد تصور ڪن ٿا جنهن جي ڪري اج ڏينهن تائين انهي تاريخي مسجد تي جهيڙو هلندو ٿو اچي. اج اسان سڀ مسلمانن کي هڪ ٿيڻ جي ضرورت آهي چو جو غذا ۾ رهندڙ مسلمان به اسان جا ڀائر آهن ۽ انهن جي مٿان جيڪو ڏاڍ ۽ ظلم برپا ٿي رهيو آهي اهو ناقابل قبول آهي. هن وقت هڪ طرف طاقت ور ملڪ خاموش تماشائي بڻيل آهن ٻي طرف قطر ۽ ترڪي ٿيا ڪوڙي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر جيڪو ظلم هن وقت غذا جي مٿان ٿئي پيو ان جنگ کي روڪڻ لاءِ يونائيٽيڊ نيشن کي پوري سچائي سان ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ سڄن مسلمان ملڪن کي يڪجهتي جو اظهار ڪرڻو پوندو ۽ سراپا احتجاج ڪري انهيءَ جنگ کي روڪرائڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻي پوندي جئين وڌيڪ معصومن جون جانيون قربان نہ ٿين

بقايا 01

۽ چڪرين پنجين ڏينهن ۾ داخل ٿي ويون آهن. اسرائيل طرفان غزه جي ناڪابندي سخت ڪئي وئي آهي ۽ غزه تي حملا تيز ڪيا ويا آهن اسرائيل طرفان غزه ۾ 200 هدفن کي نشانو بنايو ويو آهي پناهگين جي ڪيمپ تي به حملا ڪيا ويا آهن ايمبولينس ۽ امدادي ڪارڪن به اسرائيلي حملن کان بچي نه سگهيا اسرائيل طرفان لاڳيتو غزه تي بمباري ڪئي پئي وڃي.ان حوالي سان ملالا يوسفزئي ٽوئٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته جيئن ته مون هلندڙ ڏينهن ۾ دل ڏڪائيندڙ خبرون ڏٺيون آهن ان دوران منهنجو ڌيان فلسطيني ۽ اسرائيلي ٻارن جي طرف آهي جيڪي جنگ جي صورتحال ۾ سخت متاثر ٿيا آهن.جنگبندي جو مطالبو ڪندي ملالا پنهنجي ننڍپڻ کي ياد ڪيو ۽ لکيو ته مان صرف 11 سالن جي هئس جڏهن مون پنهنجي چوڌاري دهشتگردي ۽ تشدد جهڙو ماحول ڏٺو صبح جو سوير اسان مارٽر گولن جي آوازن سان اٿندا هئاسين هن وڌيڪ چيو ته مون پنهنجي اسڪولن ۽ مسجدن کي بمن سان تباهه ٿيندي ڏٺو آمن هڪ اهڙي شيءِ بڻجي وئي جنهن جو اسان صرف خواب ئي ڏسي سگهون ٿا. ملالا لکيو ته جنگ هميشہ ٻارن تي اثرانداز ٿيندي پوءِ چاهي اها اسرائيل جي گهرن مان ڪنيل ٻارن ۾ هجي يا غزه ۾ هوائي حملن جي ڊپ کان لڪل يا خوراڪ ۽ پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيندڙ ٻار هجن ملالا وڌيڪ لکيو ته اڄ مان انهن سمورن ٻارن ۽ ماڻهن جي لاءِ ڏکويل آهيان جيڪي مقدس زمين تي امن ۽ انصاف جا خواهشمند آهن. حماس ۽ اسرائيل کي فوري طور تي جنگبندي ڪرڻ گهرجي.

بقايا 02

نانڊ ڪندڙ ادارن جا اهلڪار اغوا ٿي وڃن ته پوءِ عوام جو الله ئي حافظ آهي، ڇا هتي جهنگ جو قانون هلي رهيو آهي يا پوليس شتل آهي؟ ايس ايس پيز ۽ ڊي آءِ جيز گهرن ۾ ويهي پوليسنگ ڪندا آهن. جيڪو عمل برداشت جوڳو ناهي. اهڙن پوليس آفيسرز جي سنڌ توڙي صوبي جي عوام کي ڪا ضرورت ناهي. نگران وڏي وزير ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان وضاحت طلب ڪري ورتي آهي.نگران وڏي وزير چيو ته ايس ايڇ اوءِ ٻيا مغوي ٽن ڏينهن اندر بازياب نه ٿيا ته ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي خلاف ڪارروائي ٿيندي.نگران وڏي وزير وڌيڪ چيو ته مان پاڻ ٿاڻن ۽ پوليس آفيسرز جي دفترن جي انسپيڪشن ڪندس. ڇا سڀ پوليس اهلڪار شتل هئا؟. انڪوائري رپورٽ پيش ڪئي وڃي.

بقايا 03

۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ محمد رضوان سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئٽر تي لکيو ته مان مين آف دي ميچ جو ايوارڊ غزه جي پنهنجن ڀينرن ڀائرن جي نالي ڪريان ٿو.هن وڌيڪ چيو ته قومي ٽيم جي سوڀ ۾ حصو وٺڻ تي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. ٽارگيٽ کي آسان ڪرڻ تي پوري قوم ۽ خاص طور تي عبدالله شفيق ۽ حسن علي اهم ڪردار ادا ڪيو هو محمد رضوان پنهنجي پيغام ۾ حيدرآباد دکن جي عوام جو به خصوصي ٿورو ادا ڪندي چيو ته حيدرآباد جي عوام بهترين ميزباني ڪئي ۽ مڪمل طور تي سپورٽ ڪيو.

بقايا 04

اعجاز الحسن. جسٽس منيب اختر. جسٽس عائشہ ملڪ. جسٽس مظاهر نقوي ۽ جسٽس شاهد وحيد شامل آهن. جن جي نظر ۾ هي قانون آئين مطابق ناهي. اٽارني جنرل عثمان منصور جا دليل مڪمل ٿيڻ بعد سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. بعد ۾ چيف جسٽس قاضي فائزعيسيٰ فيصلو ٻڌائيندي چيو ته دير تي معافي گهران ٿو. معاملو تمام ٽيڪنيڪل هو. سڀ کان ڀهريان اڄ جو حڪم پڙهي ويندس. فيصلي ۾ چيو ويو ته سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ 5_10 جي تناسب سان برقرار رکيو ويو سپريم ڪورٽ هن قانون جي ماضي کان لاڳو ڪرڻ واري شق کي غير آئيني قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏيو ايڪٽ کي ماضي جي اطلاق کي 7_8 جي تناسب سان رد ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ ماضي کان لاڳو نہ ٿيندو. نواز شريف. جهانگير خان ترين ۽ ٻين کي اپيل جو حق نہ ملندو. چيف جسٽس قاضي فائزعيسيٰ، جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس منصور سميت 7 ججن ماضي جي حمايت ڪئي .ان کان علاوه فل ڪورٽ پاڻمرادو نوٽيس جي ڪيسن ۾ اپيل جي شق(184/3) کي 6_9 جي تناسب سان برقرار رکيو آهي. جسٽس اعجاز الاحسن. جسٽس منيب اختر، جسٽس يحيٰ آفريدي، جسٽس مظاهر نقوي، جسٽس عائشہ ملڪ ۽ جسٽس شاهد وحيد اپيل جي حق جي مخالفت ڪئي سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ لاڳو ٿي ويو ياد رهي ته هلندڙ سال اپريل ۾ حڪومت جڏهن هي قانون منظور ڪيو هو ته تڏهو کي چيف جسٽس عمر عطا بنديال هن قانون جي لاڳو ٿيڻ تي اسٽي جاري ڪندي اطلاق روڪيو هو آئين مطابق جائز قرار ڏنل قانون موجب آئنده سوئو موٽو يا از خرد ڪاروائي جو اختيار چيف جسٽس ۽ ٻن سينئر ججن يعني ٽاپ ٿري سينئر ججن کي ڏنو ويو آهي. اڳ ۾ هي چيف جسٽس جو اختيار هوندو هو ۽ اپيل جو حق به نہ هوندو هو هاڻي متاثره ڌر کي اپيل جو حق به هوندو عمران خان جي ڀائچي حسان نيازي فيصلي جي تعريف ڪندي ٽوئيٽ ڪيو ته پنهنجا اختيار گهٽائڻ وارو هي تاريخي فيصلو آهي پي ٽي آءِ جي سينيٽر علي ظفر به فيصلي کي ويلڪم ڪندي چيو ته ان جا مستقبل ۾ مثبت نتيجا ايندا.

بقايا 05

فيصلي جي توثيق ڪئي وئي ذريعن موجب ڪابينا سهيل ناصر کي ڊپٽي چيئرمين نيب ۽ احتشام قادر کي پراسيڪيوٽر جنرل نيب بڻائڻ جي منظوري ڏني ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ پي آءِ اي جي نجڪاري لاءِ مالياتي صلاحڪار جي مقرري جي به منظوري ڏني وئي ان کان علاوه ڪابينا 2 جوابدارن جي حوالگي بابت گهرو وزارت جي سمري جي به منظوري ڏني.

بقايا 06

ڪيو ويونگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته ملڪ معاشي مشڪلاتن جو شڪار آهي ۽ قومي ادار جو خسارو مشڪلاتن ۾ واڌ جو سبب بڻجي رهيو آهي. وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته عوام جي ٽيڪس سان انهن ادارن جو خسارو پورو ڪرڻ وڌيڪ ممڪن نہ آهي. پي آءِ اي ۽ خساري جو شڪار ٻين ادارن جي نجڪاري جو عمل تيز ڪيو وڃي.نگران وزيراعظم وڌيڪ چيو ته هوابازي شعبي جي سڌارن سان عوام کي بهترين سهولت فراهم ڪري سگهبي. خساري جي ذميوارن جو تعين ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن ان جي تدارڪ لاءِ قدم کڻي سگهجن

بقايا 07

سان گڏ ڪاليج ڪاتي کي هدايت ڪئي ته ليڪچرارن جي حاضري ۽ تدريسي سرگرمين کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورن ڪاليجن جو ڊجيٽل مانيٽرنگ سسٽم تيار ڪيو وڃي. اربع ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزير تعليم رعنا حسين. چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم. وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري حسن نقوي، سيڪريٽري ناٿو ڪاظم جتوئي. سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن شيرين ناريجو. سيڪريٽري ڪاليجز صدف انيس ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي درسي ڪتاب: هڪ سوال جي جواب ۾ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن شيرين ناريجو وڏي وزير کي ٻڌايو ته 80 سيڪڙو شاگردن (اسڪولن) کي (مفت) درسي ڪتاب مليا آهن ان تي وڏي وزير ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ان جو مطلب آهي ته 20 سيڪڙو شاگرد درسي ڪتابن کانسواءِ پڙهن پيا جيڪو قبول جوڳو نہ آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته فنڊن جي کوٽ سبب ڪتاب ڇپجي نہ سگهيا آهن ان تي وڏي وزير سيڪريٽري ناٿو ڪاظم جتوئي کي هدايت ڪئي ته اڄ شام تائين اسڪول ايجوڪيشن کاتي کي هڪ ارب رپيا جاري ڪيا وڃن ته جيئن باقي ڪتابن جي ڇپائي لاءِ ويندر جا بقايا ادا ڪري سگهجن. ڪاليج جي تعليم: سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن صدف انيس وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي چيو ته هو سمورن ڪاليجن ۾ مانيٽرنگ ۽ انسپيڪشن سسٽم تيار ڪري رهيا آهن ان تي وڏي وزير چيو ته اڪثر ڪاليجن جا استاد نہ ته ڪاليجن ۾ اچي رهيا آهن ۽ نہ ئي ڪلاس وٺي رهيا آهن. جسٽس باقر سيڪريٽري ڪاليجز کي هدايت ڪئي ته ڪاليجن ۾ استادن جي حاضري، موجودگي ۽ تعليمي سرگرمين کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڊجيٽل مانيٽرنگ سسٽم تيار ڪيو وڃي. نگران وڏي وزير چيو ته اڪثر ڪاليجن ۾ خاص ڪري سائنس، رياضي ۽ انگريزي مضمونن جا استاد ناهن هن چيو ته آئون چاهيان ٿو ته توهان (سيڪريٽري ڪاليج) ڪاليج ۾ هڪجهڙا ۽ آرٽس جي مضمونن جي استادن تي ڌيان نہ ڏيو پر انهن کي منطقي بڻايو ۽ وڌيڪ چيو ته ڪاليج ۾ استادن جي کوٽ کي عملي طور تي سٺن استادن سان پورو ڪيو وڃي نگران وڏي وزير سيڪريٽري ڪاليجز کي هدايت ڪئي ته هر ڪاليج ۾ ٽيچنگ اسٽاف کي منطقي بڻائيندي گهربل مضمون جي ليڪچرارن جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي. جسٽس باقر سيڪريٽري تعليم کي هدايت ڪئي ته ڊگهي عرصي کان غير حاضر ليڪچرارن جو ڊيٽا گڏ ڪري انهن جا ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن اماڻيا وڃن ته جيئن سنڌن ملازمت کان برطرفي کي يقيني بڻائيندي غير حاضري دوران ورتل پگهارون پڻ اوڳاڙي سگهجن. ڪاليج: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ڪاليج ايجوڪيشن کاتي تحت 369 ڪاليج آهن جن مان 91 سائنس ڪاليج، 45 آرٽس ۽ ڪامرس، چار آءِ ٽي، 2 هوم اڪنامڪس ۽ فزيڪل ۽ 221 مخلوط ڪاليج آهن انهن کان علاوه 11 ڪيڊٽ ڪاليج ۽ پنج IBAڪميونٽي ڪاليج هئا. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪاليجن ۾ ڪل انرولمينٽ 588331 آهي جنهن مان 7111 تدريسي ۽ 6640 نان ٽيچنگ اسٽاف آهن انڊومينٽ فنڊ: سنڌ ايجوڪيشنل انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ پاران ڪاليجن جي تدريسي عمل جو انتظام ڪيو ويندو آهي سنڌ ايجوڪيشنل فنڊ ٽرسٽ مستحق شاگردن کي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ آئي ٽي، انجنيئرنگ، ميڊيسن ۽ بزنس ايڊمنسٽريشن جي شعبن ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ ميرٽ جي بنياد تي اسڪالرشپ فراهم ڪري ٿو وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته انڊومينٽ فنڊ ۾ 6811 ملين رپين جي سيڙپڪاري ڪئي وئي آهي جنهن مان 918.126 ملين رپيا منافعو ڪمايو ويو آهي ۽ هن وقت تائين خرچ 839.676 ملين رپيا ۽ منافعو 78.45 ملين رپيا ٽرسٽ وٽ موجود آهي هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته 20_2019ع کان 24_2023ع تائين 21000 کان وڌيڪ شاگرد فائدو حاصل ڪري چڪا آهن ڪاليجن جو معائنو: وڏي وزير ڪاليجز ايجوڪيشن کاتي کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ڊائريڪٽر جنرلز. ڊائريڪٽرن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽرن کي متحرڪ ڪري ڪاليجن جو معائنو ڪندا رهن. ڪاليجن ۽ ٻين تعليمي نظامن جي انسپيڪشن سسٽم کي جاچي واڻي ڪرپشن. نااهلي ۽ لاپرواهيءَ سان روڪيو ويو آهي پر هاڻي ان کي بحال ڪيو وڃي. هن چيو ته مان ڪاليجن جو دورو ڪندس ۽ ذاتي طور تي ڏسندس ته عمارت جي سار سنڀال ٿي رهي آهي؟ استاد ڪلاس هلائي رهيا آهن؟ ليبارٽريون ڪم ڪري رهيون آهن يا نہ؟ ڪاليجن جي واش رومن جو پڻ معائنو ڪندس، ڪلاس رومز ۽ بينچن جي صفائي سترائي جوڳي آهي يا نہ سڀ ڏسندس. وڏي وزير چيو ته هر هڪ ڪاليج ۾ غير نصابي سرگرمين لاءِ استادن جو هجڻ ضروري آهي ۽ استادن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ ڪاليج جي پرنسپال جي ذميواري آهي. وزير تعليم ۽ سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن وڏي وزير کي يقين ڏياريو ته ٽرانسفر ۽ پوسٽنگ خالصتاً ضرورت جي بنياد تي ڪئي ويندي ۽ جن ڪاليجن ۾ استادن جي مقرري مناسب ڪارڻ نہ ٿي سگهي اتي ان لائين ڪلاسز شروع ڪرڻ کان علاوه اضافي ملازمن کي ڪاليجن ۾ مقرر ڪري معقول بڻايو ويندو.

بقايا 08

حق تي " ڪانفرنس کي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته موسمياتي تبديلي هڪ وڏو چئلينج آهي. تازو ٻوڏن ۾ پاڪستان کي تمام گهڻو نقصان ٿيو هن چيو ته انساني حق ۽ موسمي انصاف ب ب جو منشور آهي. اسان کي جدت ڏانهن وڌڻو آهي. مستقبل جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ پلاننگ ڪرڻي آهي.هن چيو ته اسان سنڌ ۾ گهر گهر پروگرام شروع ڪيو آهي. ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ پناهه گيرن جي فراهمي تي ڪم ڪري رهيا آهيون بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ تازين ۽ گڏيل ٻوڏن سبب تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي.

بقايا 09

حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن 2 ماڙ عمارت تي ٽئين ماڙ جي ڇت وڌي پئي وئي، ڇت ڪرڻ سبب ملبي ۾ دٻجي ويلن مان 5 ڄڻن کي زخمي حالت ۾ ٻاهر ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو.پوليس ۽ ريسڪيو ذريعن موجب ٽن زخمين اسپتال ۾ دم ڏنو جڳهه تي ڪم ڪندڙ ٻورهيتن جو چوڻ آهي ته اسان جا ڪيترائي ساٿي ٻورهيت اڃا تائين ملبي ۾ دٻيل آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته دٻيل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ مشنري طلب ڪئي وئي آهي. فوتين جو انگ وڌڻ جو خدشو ڏيکاريو ويو آهي.

بقايا 10

رهائشي عمارتون ملبي جو ڍير بڻجي ويون. غزه تي حملن جي جواب ۾ اسرائيلي شهر عسقلان تي راڪيٽ حملا ڪيا ويا جنهن جي نتيجي ۾ 2 اسرائيلي مارجي ويا. حماس جي القسام برگيڊ تل ابيب جي بين گورين ايئرپورٽ کي به ميزائلن سان نشانو بنايو ٻئي طرف گڏيل قومن ۾ اسرائيلي سفير غزه ۾ 100 کان 150 اسرائيلي يرغمالين جي حماس وٽ موجودگي جو اعتراف ڪري ورتو آهي.يمن جي حوثين به غزه کي ريڊ لائن قرار ڏيندي حماس ۽ القسام برگيڊ کي مدد جي آڇ ڪندي آمريڪا کي به وارننگ ڏني آهي ته غزه ۾ مداخلت جي صورت ۾ ڊرونز ۽ ميزائلن سان جواب ڏنو ويندو اسرائيل طرفان هٿين خالي فلسطينين تي بمباري جاري آهي اسرائيل فوج ڪجهه ڏينهن ۾ 200 شهري هدفن کي نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ 900 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد جڏهن ته 4600 کان وڌيڪ زخمي ٿيا آهن. شهيدن ۾ 143 ٻار ۽ 105 عورتون شامل آهن تفصيل موجب قابض اسرائيلي فوج بزرگن، عورتن، زخمين ۽ اسپتالن تي وحشياڻي بمباري ڪئي، زخمين کي اسپتال کڻي ويندڙ 4 ايمبولينس تي به حملو ڪيو ويو. اسرائيل جي بحريہ به ڪارروائي ۾ حصو وٺندي غزه جي سامونڊي ڪناري تي بمباري ڪئي اسرائيلي فوجين صحافين کي به بخش نه ڪيو غزه ۾ ميڊيا آفيس تي گولا ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪيترائي صحافي مارجي ويا آهن پناهگيرن جي ڪيمپ تي حملن دوران ڪيترائي فلسطيني شهيد ٿي ويا. جنگ سبب اسپتالن ۾ دوائن ۽ ٻين طبي سهوليتن جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي.

اسرائيلي فوج غزه کان پوءِ لبنان تي به حملو ڪري ڇڏيو آهي حملي ۾ حزب الله جا 4 ويڙهاڪ شهيد ٿي ويا. جوابي ڪارروائي ۾ اسرائيلي چيڪ پوسٽن کي نشانو بنايو ويو جنهن ۾ 2 اسرائيلي فوجي مارجي ويا. اسرائيل غزه جي پٽي تي ٻيهر ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي ڇڏي آهي القسام برگيڊ اسرائيل ۾ زميني ڪارروائي شروع ڪري ڏني آهي. حماس جي حملن ۾ هينئر تائين مارجي ويل اسرائيلي شهرين جو انگ 1254 تائين پهچي چڪو آهي جن ۾ 14 آمريڪي به شامل آهن جڏهن ته 2 هزار 800 کان وڌيڪ زخمي آهي حماس طرفان چيو ويو آهي ته مقصد حاصل ڪري ورتا آهن. ڊگهي جنگ لاءِ به تيار آهيون. ڳالهيون نه ٿينديون. اسرائيل کي سندس زبان ۾ جواب ڏنو ويندو. ٻهريان جنگبندي پوءِ ڳالهين جو مرحلو اڳيان وڌندو. 155 کان وڌيڪ اسرائيلي فوجي حماس وٽ قيد آهن. فلسطينين تي يلغار جي جواب ۾ هڪ اسرائيلي فوجي کي قتل ڪيو ويندو. غزه تي حملي جي نتيجي ۾ مارجي ويل هر اسرائيلي قيدي جي فوٽيج جاري ڪئي ويندي.ٻئي طرف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس اسرائيل طرفان غزه جي مڪمل گهيراءَ جي اعلان تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته غزه ۾ بجلي، تيل، کاڌو بند هجڻ سان سنگين صورتحال وڌيڪ خراب ٿي ويندي. غزه ۾ بي يارو مددگار فلسطينين لاءِ انساني امداد کي نه روڪيو وڃي. عالمي برادري به فوري طور تي انساني امداد لاءِ اڳيان اچي.

بقايا 11

سياحت واري شعبي جي وفاقي اثاثن کي صوبائي سطح تي منتقل ڪرڻ انتهائي اهم معاملو آهي جيڪو سنڌ جي سياحت جي حوالي سان هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ هڪ سادي ۽ پروقار تقريب ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو اها تقريب سياحت واري وفاقي کاتي جا اثاثا سنڌ حڪومت جي حوالي ڪرڻ جي معاهدي جي حوالي سان ڪوٺائي وئي هئي. جنهن ۾ ثقافت ۽ راندين وارو صوبائي وزير سيد جنيد شاهه پڻ اعزازي مهمان طور موجود هو تقريب ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر پاڪستان ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن آفتاب الرحمان رانا مئنيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن سيد فياض علي شاهه کي دستخطي دستاويز پيش ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت جي انتظام هيٺ 7 اثاثا صوبائي حڪومت حوالي ڪيا پيا وڃن جن ۾ ٽوئرزم انفارميشن سينٽر ٺٽو، ٽوئرزم فيسليٽيشن سينٽر ڪراچي، هاڪس بي موٽيل ڪراچي، هوٽل موئن جو دڙو لاڙڪاڻو سکر، حيدرآباد ۽ ڏاٻيجي ۾ پڻ مختلف زمينون آهن ان موقعي تي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي سياحت کاتي جا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 12

کي ڪيرٿر نيشنل پارڪ جي زمين جي جي آءِ ايس ميپنگ شروع ڪرڻ. ٻيلن جي غير قانوني الاٽمينٽ ۽ غيرقانوني قبضي کي ختم ڪندي زمين واپس وٺڻ جي هدايت ڪئي آهي هن اهي هدايتون وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي جاري ڪيون. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم. وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري حسن نقوي، سيڪريٽري ٻيلو کاتو نجم شاهه. سيڪريٽري ناٿو ڪاظم جتوئي. چيف ڪنزرويٽر فاريسٽ رياض وڳڻ. ڪنزرويٽر وائلڊ لائيف جاويد مهر ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي سيڪريٽري ٻيلو ۽ جهنگلي جيوت نجم شاهه چيو ته صوبي ۾ 3.4 ملين ايڪڙ ٻيلي جي زمين آهي جنهن ۾ ساوا باغ گدو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن جي ڪمانڊ ايريا تائين ڪئنال نيٽ ورڪ مان پاڻي حاصل ڪندا آهن. درياهه جا ٻيلا سنڌو نديءَ جي ڪناري تي مٽيءَ جي بندن تي واقع آهن جن جو دارومدار ساليانو ٻوڏن تي آهي رينج لينڊز (بارانئي زمين) سنڌ جي راجستان ۽ ڪوهستان وارن علائقن ۾ آهن جنهن جو دارومدار برساتن تي آهي سنڌ جا علائقا وسيع. سماجي ۽ اقتصادي لحاظ کان اهم آهن. ڪراچي، ٺٽي ۽ بدين ضلعن ۾ سامونڊي ڪناري تي موجود مينگروجا ٻيلا ماحولياتي، حياتياتي ۽ اقتصادي لحاظ کان اهم آهن جنهن جي ترقي ۽ واڌويجهه جو دارومدار ڪوٽڙي بئراج جي هيٺان تازي پاڻيءَ ۽ ٽلاءَ تي آهي ٻيلن جي زمين: هڪ سوال جي جواب ۾ نجم شاهه وڏي وزير کي ٻڌايو ته 232205.7 ايڪڙ حدخلين مان 191175.2 ايڪڙ زمين هٿ ڪئي وئي آهي ۽ اڃا تائين 41030.5 ايڪڙ زمين قبضي هيٺ آهي ان تي وڏي وزير کاتي کي ضلعي پوليس ۽ رينجرز جي مدد سان قبضو ڪيل زمين واپس ڪرائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ٻيلي جي هڪ انچ زمين تي قبضو ڪرڻ نه ڏيندس. ٻيلن جي غيرقانوني الاٽ ڪيل زمين: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ٻيلن جي 34713.05 ايڪڙ زمين غير قانوني طور الاٽ ڪئي وئي جنهن مان 21274.56 ايڪڙ رد ڪئي وئي آهي. وڏي وزير ٻيلي کاتي کي هدايت ڪئي ته 13438.49 ايڪڙ زمين جي باقي غير قانوني الاٽمينٽ ختم ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ڪيرٿر نيشنل پارڪ ڪراچي کان صوبي جي باقي سمورين ٻيلن ۽ جهنگلي جيوت جي زمين جي جي آءِ ايس ميپنگ حاصل ڪئي وڃي. جسٽس باقر وائلڊ لائيف اينڊ فاريسٽ کاتي کي هدايت ڪئي ته نيشنل ڪيرٿر پارڪ جي ڪراچي کان دادو ضلعي تائين جي بائونڊري جي جي آءِ ايس ميپنگ ڪري خاردار تارون لڳايون وڃن. هن واضح چيو ته ڪراچي ۾ نيشنل ڪيرٿر پارڪ کان دادو ضلعي تائين جي زمين تي قبضا برداشت نہ ڪندس جيڪڏهن زمين تي ڪو به غير قانوني عمل ٿيو ته ٻيلن ۽ جهنگلي جيوت کاتو ذميوار هوندو.

بقايا 13

ڪچي ۾ جتي ڌوهاري لڪل آهن اتي درياهه ۾ پاڻي آيل هو جنهن ڪري پهچڻ ۾ مسئلو پيش ٿيو گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ رفعت مختار ميرپورخاص پهتا. جتي هنن ڊويزنل انتظاميا سان گڏجاڻي ڪئي. جنهن ۾ ڪمشنر ميرپورخاص. ڊي آءِ جي ميرپورخاص، ٽنهي ضلعن جي ايس ايس پيز ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي ان بعد گهرو وزير ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر. ڊپٽي ميئر سميت ٽنهي ضلعن ميرپورخاص، ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ جي واپارين ۽ سياسي ڪان سنڌن علائقن جي مسئلن بابت معلومات ورتي ۽ پڇا ڪئي ته ٿر اندر خودڪشين جا ڪهڙا سبب آهن. جنهن تي کيس ٻڌايو ويو ته پسند جون شاديون نه ٿيڻ، غربت ۽ ٻيا انيڪ مسئلا آهن. جن سبب ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن ان موقعي تي گهرو وزير ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ميرپورخاص ڊويزن اندر غير مسلمن ماڻهن جي آبادي تمام گهڻي آهي. جيڪي هن ملڪ جا شهري آهن. انتظاميا کي هدايتون ڪيون ويون آهن ته ساڻن جيڪي به مسئلا آهن. اهي پڇيا وڃن ۽ ڪاڻن پڇيو وڃي ته آخر ڇو هتان جا ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري انڊيا وڃي رهيا آهن؟ هن چيو ته سنڌ جي اترين ۾ علائقن جيڪي به اغوا ٿيل هندو هئا. انهن سمورن کي بازياب ڪرايو ويو آهي ان موقعي تي ميرپورخاص جي سول سوسائٽي طرفان گهرو وزير کي آگاهي ڏني وئي ته ميرپورخاص جي سنڌڙي تعلقي ۾ اچانڪ ڪجهه مهينن کان ڪارڻهن جي الزام هيٺ قتلن ۾ اضافو ٿيو آهي، ان جي انڪوائري ڪرائي وڃي. جنهن تي هن ڪمشنر ۽ ڊي آءِ جي کي هدايت ڪئي ته ان معاملي کي سنجيدگي سان ڏٺو وڃي. گهرو وزير بعد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان ۾ 14 لک رجسٽرڊ افغاني مهاجر آهن. جيڪي اسان جا مهمان آهن. انهن کي افغان حڪومت جڏهن گهرائيندي ڪين واپس موڪلينداسين ۽ جن وٽ مڪمل پاڪستاني سڃاڻپ ڪارڊ آهن. انهن کي به ملڪ مان نہ ڪڍيو ويندو. باقي هن وقت جيڪو آپريشن ڪيو پيو وڃي، اهو غير قانوني طور آيل پرڏيهين خلاف آهي. جنهن ۾ نہ رڳو افغاني پر ٻين ملڪن کان آيل به شامل آهن ۽ گڏوگڏ غير ملڪي کي پناهه ڏيندڙن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي هن چيو ته غير قانوني طور آيلن جي ڪري ملڪ ۾ تمام گهڻا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. تازو هنگو جو واقعو ان جو هڪ مثال آهي. ڪو به مسلمان اهڙو عمل نہ ٿو ڪري سگهي. گهرو وزير چيو ته ڌاڙيل خلاف جيڪو آپريشن هلي پيو. اسان ٻهرين مرحلي ۾ ڪچي ۾ ٻهرين پڪي ۾ ڌوهارين کي ڏسي رهيا آهيون. ڌاڙيلن جي سپورٽرن خلاف انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون ڪري رهيا آهيون. انهن ۾ اهڙا ماڻهو شامل آهن. جيڪي ڌاڙيلن جا سهولتڪار آهن. پاٿاريون هلائين ٿا ۽ ڌاڙيلن کي ٻڌائين ٿا ته ڪهڙن ڪهڙن ماڻهن کي کڻو آهي ۽ اهي ئي ڌاڙيلن جا ڪن ۽ اکيون بڻيل آهن شهيد جان محمد بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ گهرو وزير چيو ته شهيد جان جا قاتل جلد گرفتار ڪيا ويندا. آءِ جي سنڌ رفعت مختار شهيد جان محمد جي معاملي تي وڌيڪ تفصيل ٻڌائيندي چيو ته قاتلن جي گرفتاري لاءِ اسان جي ڪوشش ۾ ڪا ڪمي ناهي آئي. جتي قاتل لڪل آهن. اتي پهچڻ ۾ ٿورو مسئلو هو. ڇاڪاڻ ته درياءَ جي ڪچي واري ان علائقي ۾ پاڻي تمام گهڻو آيل هو. جتي پهچڻ ۾ مشڪلاتون ٿي رهيون هيون. ڌوهارين جي اسان کي سموري خبر آهي. 3 ڏينهن اڳ ۾ به اسان اتي ڇاپو هنيو هو. جتان ڌوهاري لڏ پلاڻ ڪري ويا آهن. ڪوششون جاري آهن. جلد نتيجا ظاهر ٿيندا گهرو وزير چيو نگران حڪومت ڪنهن به پارٽيءَ جي سپورٽ ڪرڻ ناهي آئي. اسان قانون موجب ڪم ڪري رهيا آهيون. سنڌ ۾ جيڪا ٻاهران منشيات اچي پئي. ان خلاف سگهاريون ڪارروايون ڪيون ويون آهن ۽ اهي ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا 14

کي قتل ڪري ڇڏيو ڪارڻهن الزام هيٺ قتل ٿيلن جا لاش ڪريم بخش کوسو ٿاڻي تي پيل آهن لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ٺل اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن جڏهن ته جوابدار فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي پوليس موجب واقعو ڪارڻهن سبب پيش آيو آهي جوابدار گهر خالي ڪري ويا آهن جاچ ڪريون پيا. وڌيڪ تفصيل جاچ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڏنا ويندا.

بقايا 15

آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته گهريلو صارفين لاءِ گئس 172 سيڪڙو تائين مهانگي ڪرڻ جي تجويز آهي. جڏهن ته ٻين صارفين لاءِ گئس جي قيمت ۾ تقريبن 200 سيڪڙو تائين واڌ جي تجويز آهي. ذريعن موجب گئس جا اگهه پهرين آڪٽوبر کان لاڳو ڪرڻ جي تجويز آهي.

بقايا 16

ايم سي سينٽرل ۾ وارڊ بواءِ هو جيڪو جولاءِ 2017ع ۾ سروس دوران فوت ٿي ويو. جنهن بعد هن پنهنجي مرحوم مڙس جي رهيل ادائيگي ۽ پٽ کي فوتي ڪوٽا تي نوڪري لاءِ لاڳاپيل کاتي سان رابطو ڪيو ۽ بار بار درخواست جي باوجود ان جو مسئلو حل نہ ٿيو ان لاءِ محتسب اعليٰ سنڌ کان مداخلت جي درخواست ڪئي. شڪايت کي منظور ڪندي لاڳاپيل کاتي کي خط لکيو ويو. جنهن جي جواب ۾ کاتي پاران پينشن، گريجوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ مالي امداد جي مد ۾ سمورين رهيل ادائيگن کان علاوه ڄاڻايل شڪايت ڪندڙ جي پٽ کي فوتي ڪوٽا تي وارڊ بواءِ جي طور تي مقرر پڻ ڪيو ويو. شڪايت ڪندڙ پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ محتسب اعليٰ سنڌ جو شڪريہ ادا ڪيو.

بقايا 17

ڪيس داخل ۽ 374 غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا آهن. ايشور لعل خبردار ڪيو آهي ته پاڻي چوري ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته پاڻي چوري هڪ اهم مسئلو آهي جنهن تي ضابطو آڻڻ جي ڪوششون ڪري رهيا آهيون ۽ جتي به شڪايتون مليون آهن اتي پاڻي چورن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪيس داخل ڪيو پيو وڃي ۽ شڪايتن جو ازالو ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته سکر بئراج جي کاٻي پاسي لاڙڪاڻي واري علائقي ۾ هڪ متياري ۾ 4. بدين ۾ 4. ٽنڊوالهيار ۾ 2 ۽ خيرپور ۾ 2 ڪيس داخل ٿيا آهن. جڏهن ته ساڄي ڪناري سکر ريجن ۾ 2. جوهي ۾ 2 ۽ دادو ۾ 2 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن نگران آبپاشي وزير چيو ته سيڊا حيدرآباد ۾ 37. بدين ۾ 21 ۽ ميرپورخاص ۾ 4 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن اهڙي طرح ڪوٽڙي بئراج ريجن حيدرآباد ۾ هڪ ڪيس ٺٽي ۽ سجاول ۾ 5 جڏهن ته روهڙي ڪئنال سرڪل ۾ غير قانوني ڪنيڪشن جا 07 ۽ خيرپور سرڪل ۾ 2 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سکر بئراج جي رائيٽ بئنڪ ريجن لاڙڪاڻي ۾ 4 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جڏهن ته پاڻي ڪوٽ جي سڀ کان وڌيڪ شڪايتون حل ڪيون ويون آهن. جڏهن ته ڪوٽڙي سب ڊويزن گهوڙاٻاري ۾ هڪ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ ٽيل جي آخر ۾ پاڻي جي کوٽ جي شڪايت کي حل ڪيو ويو هن چيو ته لوئر پنياري ڊويزن سجاول جي سب ڊويزن شاهبندر. جوهڙ جمالي، جاتي ۽ سجاول ۾ هڪ هڪ ڪيس داخل ڪري شڪايتن جو ازالو ڪيو ويو. جڏهن ته اپر پنياري ڊڙي جي سب ڊويزن ۾ به هڪ ڪيس داخل ڪري شڪايت جو ازالو ڪيو ويو.

بقايا 18

سانگهڙ مان هٿ آئي آهي. پوليس طرفان دعويٰ ڪئي وئي آهي ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس موجب آريبا ڌيءَ اڪبر علي اتحاد ٽائون مان گم ٿي وئي هئي. جاچ ٽيم سانگهڙ مان ٽينگري کي بازياب ڪرائي ٽن جوابدارن شعيب، راشد ۽ محمد عادل کي گرفتار ڪري ورتو آهي.

بقايا 19

جراڳ 600 رپيا مڻ مقرر ڪيو وڃي فصلن تي وڏا خرچ ٿين ٿا ان حساب سان آبادگارن کي فصلن جي قيمت نٿي ڏني وڃي. سنڌ ۾ زراعت بدحالي جو شڪار آهي. ڪمند جي هر شئي ڪارائتي آهي پر آبادگارن کي ملندڙ ڪند جي حساب سان ۾ پئسا نٿا ڏنا وڃن. جڏهن فصل لهن ٿا ته انهن جا اگهه ڪيرايا وڃن ٿا آبادگارن ۽ هارين کي پنهنجي محنت جو اجورو به نٿو ملي. هر زرعي فصل پوکڻ مهانگو ٿي ويو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته ڪمند جي آبادگارن کي بقاياتون نٿيون ڏنيون وڃن ڪڻڪ لهي ٿي ته بارداڻو گم ڪيو وڃي ٿو سارين جو اگهه في مڻ 4,500 مان گهٽائي 2800 سو رپيا ڪيو ويو ۽ ٻين فصلن جا اگهه ڪيرائي آبادگارن ۽ هارين کي ڪنگال ڪيو وڃي ٿو اها زراعت جي تباهي آهي. جنهن ڪري غربت وڌي وئي آهي بدحالي سبب سنڌ ترقي بدران پوئتي وڃي رهي آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ ڪرپشن کي حق سمجهيو وڃي ٿو. ڪال جا ڪنگال عوامي دولت لٽي ارب پتي ٿي ويا آهن ڪرپشن جي ڪينسر سنڌ سڄي ملڪ کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. ڪرپشن ڪيسن کان بچڻ لاءِ پيپلزپارٽي ۽ زرداري مافيا سنڌ جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي پيپلزپارٽي ۽ زرداري جي مسلسل پندرهن سالن جي اقتداري دور ۾ سنڌ کي ڪنگال، برباد ۽ تباهه ڪري ڇڏيو. پورٽ ڪرٽلو گئس، پيٽرول معدني وسيلن سان مالا مال سنڌ جا وارث اذيت واري زندگي گذاري رهيا آهن

بقايا 20

واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جاويد جسڪاڻي موجب ڪوٽ شاهو واري علائقي ۾ پوليس جي وڏي نفري طلب ڪئي وئي آهي.

بقايا 21

۾ سروس دوران فوت ٿي ويو. جنهن بعد هن پنهنجي مرحوم مڙس جي رهيل ادائيگي ۽ پٽ کي فوتي ڪوٽا تي نوڪري لاءِ لاڳاپيل کاتي سان رابطو ڪيو ۽ بار بار درخواست جي باوجود ان جو مسئلو حل نہ ٿيو ان لاءِ محتسب اعليٰ سنڌ کان مداخلت جي درخواست ڪئي. شڪايت کي منظور ڪندي لاڳاپيل کاتي کي خط لکيو ويو. جنهن جي جواب ۾ کاتي پاران پينشن، گريجوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ مالي امداد جي مد ۾ سمورين رهيل ادائيگن کان علاوه ڄاڻايل شڪايت ڪندڙ جي پٽ کي فوتي ڪوٽا تي وارڊ بواءِ جي طور تي مقرر پڻ ڪيو ويو. شڪايت ڪندڙ پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ محتسب اعليٰ سنڌ جو شڪريہ ادا ڪيو.

بقايا 22

قدم کنيا وڃن اها گهر جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي جي قيادت ۾ جماعت اسلامي جي وفد سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم عرفان سان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ملاقات دوران ڪئي وفد ۾ صوبائي اڳواڻ حافظ نصرالله چنا، عبدالحفيظ بجارائي، مولانا حزب الله جکرو ۽ مجاهد چناڻ شامل هئا. جماعت اسلامي جي وفد چيف سيڪريٽري کي سنڌ جي مڙني کاتن ۾ وڌندڙ ڪرپشن، سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ آفيسرن جي دير سان اچڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي زور ڀريو ته گڊ گورننس ۽ عوام جي داد رسي لاءِ ڪرپشن جو خاتمي ۽ آفيسرن کي وقت سر اچي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي هن وقت سنڌ سورن ۾ ورڪام ڪيترن ئي مسئلن جي ورچڙهيل آهي.ميرٽ تي ٿيندڙ انتظامي فيصلن وسيلي ڪيترن ئي شين کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو.مختلف کاتن ۾ ڪيترائي آفيسر سالن کان هڪ ئي ڪرسي تي ويٺل آهن جيڪي بهتر ڪارڪردگي ڏيکارڻ ۾ ناڪام ۽ ماڻهن کي هروبرو تنگ ۽ رشوت ڏيڻ تي مجبور ڪن ٿا. زراعت ملڪ جي معيشت ۾ ڪرنگهي جي حيثيت رکي ٿي پرڪارخانيدارءِ واپارين هڙتاڙ آڪهه مقرر ڪري وڏو ناحق ڪيو آهي تڪر ملهه ۽ ناجائزڪٽوتين سان سنڌ ۾ سارين جي آبادگارن کي پٽ سان لڳايو پيو وڃي هن اسم ۾ به آبادگارن بدران مڊل مين کي فائدو ٿيندو.ڪمند ۽ ڪڻڪ وانگر سارين جو پڻ سرڪاري اگهه مقرر ڪري عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي چوڻ آبادگار هاري خوشحال ٿي سنڌ شاهوڪار ٿيندي ٻوڏ ۾ سنڌ ۾ انساني حياتين کان علاوه گهرن توڙي ملڪيتن جو وڏي پيماني تي نقصان ٿيو سموري دنيا مان سهائتا جا اعلان ٿيا پر هڪ سال گذري وڃڻ بعد به ٻوڏ متاثر دربدر ۽ رولڙي جو شڪار آهن سنڌ ۾ پينگ جي ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو جو اربين رپيا خرچ ڪرڻ جي باوجود واحد سياحتي مرڪز گورک هل جي قسمت ناهي بدلي سگهي پيپلزپارٽي 15 سالن کان مسلسل سنڌ ۾ برسراقتدار هئي پرپين وانگر گورک هل به رٽا ته مڪمل نه ٿي سگهي وفد بهتري لاءِ لکت ۾ مشورا ۽ ديني ڪتابن جو تحفو پڻ ڏنو چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخرعالم عرفان سنڌ جي ترقي توڙي عوام جي ڀلائي لاءِ هرممڪن ڪوششون وٺڻ جو جماعت اسلامي جي وفد کي يقين ڏياريندي چيو ته ٻوڏ متاثرن جي هڪ ڪمري جي گهرن جي اڏاوتن جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي ورلڊ بئنڪ جي تعاون سان سنڌ ۾ 6 لک گهر ٺاهي ڏنا ويندا.جنهن جي شفافيت يقيني ۽ ان جا مالڪانا حق گهر جي عورت نالي ٺاهي ڏنا پيا وڃن سارين جي اگهه جو مسئلو اپارين حوالي آهي.تنهن هوندي آبادگارن سان نااانصافي ٿيڻ ڪونہ ڏينداسين.#

بقايا 23

ڪري ڇڏيو آهي. ڪيبرائي پوليس قتل ٿيل ٽنهي ڄڻن جا لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا.ايس ايچ او ڪيبرائي موجب رات دير سان ڳوٺ ڪرم خان لاشاري ۾ حيات لاشاري پنهنجي ٽنهي جي ڪمري ۾ ٻن مردن کي ڏٺو جنهن بعد هن ڪين گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب جوابدار حيات لاشاري رضيہ زال محمد علي لاشاري ۽ 2 نوجوانن ڳوٺ ٻجل هنگورجا واسي نبي بخش کوسو ۽ اڪن کوسو کي گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو ٽنهي لاشن کي ڪيبرائي پوليس پاران تعلقي اسپتال متياري منتقل ڪيو ويو آهي. مقتول نوجوانن جي وارثن موجب نبي بخش کوسو، اڪن کوسو ڪالهه هالا وڃڻ جو چئي گهران نڪتا اڄ ميڊيا ذريعي سندن قتل جي خبر پئي مقتول ناري ۽ نوجوانن جي گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو وارثن طرفان معاملي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بقايا 24

مهيني کي ڊائون سنڊروم آگاهي مهيني طور ملهائڻ لاءِ هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو مقررين ۾ ڊائون سنڊروم متاثر ٻارن سيده عليشہ امين الدين ۽ حسن پٽيل. قانون ۽ انساني حقن جو صوبائي وزير محمد عمر سومرو، معذورن جي بااختياري کاتي جي صوبائي سيڪريٽري طحٰ فاروقي. عابد لاشاري سي اي او پاڪستان ڊائون سنڊروم ايسوسيئيشن (PDSA). امان خان پروگرام مئنيجر سي بي ايم انٽرنيشنل. جليل احمد راڄپر SIOVS.اقبال ڏيٿو چيئرپرسن سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن. عفت سلطانہ. طارق حسين چنڙ. رابن مسيح. فائزا جواد ۽ ٻين ٻڌايو ته ڊائون سنڊروم انساني جسماني بناوت ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ ڪروموسومل جي سڀ کان عام بيماري آهي. هر سال انڪل 6,000 ٻار ڊائون سنڊروم پيدا ٿين ٿا _ 700 مان 1 جي شرح هوندي آهي. اهو دير سان جسماني ترقي. منهن جي خاصيتن ۽ دانشورانہ معذوري سان لاڳاپيل آهي. ڊائون سنڊروم ۾ مبتلا بالغن جو سراسري آئي ڪيو 8 سالن جي ٻار جي برابر هوندي آهي. ڊائون سنڊروم سان پيدا ٿيندڙ ٻار مڪمل طور تي خوش ۽ ڊگهي زندگي گذاري سگهن ٿا. آڪٽوبر کي ڊائون سنڊروم آگاهي مهيني طور ملهايو ويندو آهي موضوع جي باري ۾ وڌيڪ سکڻ ۽ ڊائون سنڊروم سان پيدا ٿيندڙ ماڻهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ طبي پيش رفت جيڪو تيزيءَ سان سندن زندگي جي معيار کي بهتر بڻائي ٿو ڊائون سنڊروم ٻارڙن جي آگاهي جو مهينو هر سال آڪٽوبر ۾ ٿيندو آهي جنهن جو مقصد ڊاون سنڊروم بابت آگاهي وڌائڻ ۽ ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي سال جا سڀ مهينا اهم آهن پر آڪٽوبر جو مهينو عام شعور ۽ آگاهي کي وڌائڻ لاءِ اضافي ڪوششون ڪرڻ جو مهينو هوندو آهي هن معذوري جي زندگي جي سراسري عمر ڪيترن سالن کان ڊرامي طور تي وڌي وئي آهي. گلوبل ڊائون سنڊروم فائونڊيشن موجب 1983 ۾. ڊائون سنڊروم جي ماڻهن جي سراسري عمر25 سال هئي. پر هاڻي اهو 60 آهي. آگاهي مهم ان بابت ڄاڻ پيدا ڪري ٿي ته ڊائون سنڊروم ڇا آهي؟ ان جون علامتون ڇا آهن؟ ڊائون سنڊروم آگاهي وارو مهينو ڇو اهم آهي؟ ڪهڙورين سنڊروم جي نمائندگي ڪري ٿو؟ توهان ڪيئن ملهائيندا آهيو ڊائون سنڊروم آگاهي مهينو؟ ڊائون سنڊروم جي آگاهي وارو مهينو آڪٽوبر ۾ هڪ مهيني لاءِ ملهايو ويندو آهي جنهن لاءِ ڊائون سنڊروم بابت آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي حقن ۽ شموليت کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لاءِ ڊائون سنڊروم سان متاثر ماڻهن جي ڪاميابين کي جشن طور ملهائڻ ۽ انهن جي گهرڀاتين ۽ سنڀاليندڙن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ جو پڻ هڪ وقت آهي. ڊائون سنڊروم جي آگاهي واري مهيني ۾ حصو وٺڻ جا ڪيترائي طريقا آهن ڊائون سنڊروم بابت سکيا، پنهنجي دوستن ۽ ڪٽنب سان ڊائون سنڊروم بابت ڳالهائڻ شامل آهن. ڊاون سنڊروم ٻارن جي عام زندگي ۾ پيش رڪاوٽون ٽوڙڻ ۾ مدد ڪريو. سوشل ميڊيا تي ڊائون سنڊروم بابت معلومات شيئر ڪريو. ڊاون سنڊروم ٻارڙن جي لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي. آڪٽوبر مهيني عام ڄاڻ ۾ شامل ٿيڻ سان توهان ڊائون سنڊروم وارن ماڻهن لاءِ هڪ وڌيڪ جامع ۽ قبول ڪندڙ دنيا ٺاهڻ ۾ مدد ڪري سگهو ٿا. سيمينار دوران سنڌ حڪومت جي معذورن جي بااختياري کاتي جي ڪوشش کي ساراهيو ويو ۽ تجويزون ڏنيون ويون ته جتي خال موجود آهن ان لاءِ وڌيڪ ڪوششون ڪيون وڃن.

بقايا 25

جي ريٽ لسٽ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي عدالت ڪمشنر ڪراچي ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. درخواستگذار جي وڪيل منصف جان ايڊووڪيٽ چيو ته کير جي اگهن ۾ گهٽتائي اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت کانسواءِ ڪئي وئي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته ڊيري فارمرز کي کير196 رپيا في ڪلو ملندو هو. ڪمشنر ڪراچي کير 200 رپيا في ڪلو وڪرو ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو. درخواستگذار جي وڪيل منصف جان ايڊووڪيٽ چيو ته ڪمشنر ڪراچي پاران کير جي اگهن ۾ گهٽتائي جو نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو وڃي.

بقايا 26

اليڪشن ڪمشنر جي توهين ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل شعيب شاهين چيو ته سيڪيورٽي جي بهاني ٻين عدالتن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي پيش نہ پيو ڪيو وڃي. پروڊڪشن آرڊر جاري ڪريو ته جيئن پي ٽي آءِ چيئرمين هتي پيش ٿئي اليڪشن ڪميشن سنڌ جي ميمبر نثار درانئي چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين اڳ ته هتي ايندو نہ هو. هاڻ پروڊڪشن آرڊر جو چئي رهيو آهي . اوهان شوڪاز نوٽيس جو جواب جمع ڪرايو. پروڊڪشن آرڊر اسان جاري ٿا ڪري ڇڏيون ۽ سيڪيورٽي لاءِ آءِ جي جيل کي لکي ٿا ڇڏيون. بلوچستان جي ميمبر شاهه محمد جتوئي چيو ته اسان فرد جرم لڳائي ڇڏينداسين جنهن کان پوءِ اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي 24 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 27

رپيا 51 پئسا تي بند ٿيو انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت بلند ترين سطح کان 27 رپيا 6 پئسا گهٽجي وئي آهي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ ڪاروبار جي شروعات مثبت آهي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 160 پوائنٽس وڌي 48 هزار 301 تي پهچي ويو ڪالهه ڪاروبار بند ٿيڻ تي 100 انڊيڪس 48 هزار 140 پوائنٽس تي هو.

بقايا 28

۾ يونين ڪائونسلن جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن سان ملاقات ۾ مريم نواز چيو ته نوازشريف جو ساٿ مهانگائي کان ڇوٽڪاري جي ضمانت آهي. عوام جي ووٽ سان نوازشريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو. ٻئي طرف(ن) ليگ جي صدر شهباز شريف چيو آهي ته 21 آڪٽوبر تي گهرن مان نڪرو ۽ پاڪستان جي معاشي ترقي جي معمار جو ڀرپور استقبال ڪريو.خواجه آصف سيالڪوٽ ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته هاڻ چونڊون ويجهيون آهن. تڪ بنديون ٿي ويون. چونڊون ضرور ٿينديون، جنوري جي آخري هفتي ۾ چونڊون آهن ۽ هن ڀيري ووٽ کي ئي عزت ملندي.

بقايا 29

شيرين ناريجو ترڪ ڪوآرڊينيشن اينڊ ڪوآپريشن ايجنسي (ٽيڪا) جو ڪوآرڊينيٽر خليل ابراهيم بشاران پاڪ ترڪ اسڪول جي سربراه بلال ايرن ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ملاقات جي موقعي تي سنڌ ۾ تعليم جي ترقي، استادن جي تربيت، اسڪولن جي حالت بهتر بڻائڻ ۾ تعاون. پاڪ ترڪ اسڪولن جو نيٽ ورڪ وڌائڻ ترڪ ٻولي جي سکيا ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. صوبائي وزير رعنا حسين شاهه چيو ته پاڪستان ۽ ترڪي جا گهرا ۽ برادرانا لاڳاپا آهن جن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي سنڌ جي تعليم واري صوبائي وزير پاڪ ترڪ اسڪولن جي قدمن کي ساراهيندي چيو ته انهن اسڪولن جي مدد سان تعليم جي شعبي جي ترقي کي هٿي وٺرائڻ ۾ مدد ملي رهي آهي. ان موقعي تي ترڪي جي قونصل جنرل جمال سانگهو چيو ته پاڪ ترڪ اسڪولن جي نيٽ ورڪ کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ رٿابندي پڻ ڪئي پئي وڃي صوبائي تعليم واري وزير چيو ته پاڪ ترڪ اسڪولن جي نيٽ ورڪ ۾ ڏورانهن علائقن جي تعليمي ضرورتن کي به نظر ۾ رکيو وڃي. ترڪي جي قونصل جنرل جمال سانگهو چيو ته ترڪي ترڪ تعاون تنظيم (ٽيڪا) سنڌ ۾ ترڪي ٻولي جي سکيا واري عمل سهڪار ڪرڻ جي خواهش رکي ٿي جنهن تي صوبائي تعليم واري وزير چيو ته اڄ جي دور ۾ ٻولي سکڻ به هڪ هنر سکڻ جي حيثيت رکي ٿي ان حوالي سان تعليم کاتي پاران اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پروگرام شروع ڪرڻ جي صورت ۾ ٽيڪا کي ضروري وسيلا پڻ فراهم ڪيا ويندا ته جيئن نوجوان ان سهولت مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن اجلاس ۾ ان ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ويو ته استادن جي تربيت لاءِ ٽريننگ پروگرام ۾ پڻ تعاون ڪيو ويندو ته جيئن تدريس جو معيار بهتر بڻائي سگهجي. ملاقات دوران ترڪ وفد جي طرفان سنڌ ۾ ٻوڏ سبب متاثر ٿيل اسڪولن جي عمارتن جي مرمت ۽ بحاليءَ لاءِ پڻ پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو. ان موقعي تي ترڪ وفد چيو ته ترڪي پنهنجي برادر ملڪ پاڪستان سان مختلف شعبن ۾ تعاون جي روايت کي برقرار رکندو

بقايا 30

جي نالي طور ٿي آهي ناري عريشہ جي قتل جو ڪيس والد جي فرياد تي سپرمارڪيٽ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو. قتل جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو پوليس جو چوڻ آهي ته ناري جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 31

منسوخ ڪيو ويو ڪراچي ۽ لاهور وچ ۾ ايئر سيال جي اڏام پي ايف 143 ۽ پي ايف 144 جڏهن ته ڪراچي کان اسلام آباد ويندڙ سيرين ايئر جي اڏام اي آر 503 کي منسوخ ڪيو ويو سيرين ايئر جي ڪراچي کان اسلام آباد جي اڏام اي آر 505 ۽ ايئر سيال جي اسلام آباد کان دمام جي اڏام پي ايف 746 کي منسوخ ڪيو ويو لاهور کان ڪراچي ويندڙ ايئر سيال جي اڏام پي ايف 146 جڏهن ته اسلام آباد کان جده ويندڙ اڏام پي ايف 718 ۽ پي ايف 719 منسوخ ڪئي وئي. ڪوالالمپور کان لاهور ويندڙ بائنڪ ايئر ملائيشيا جي اڏام سي دي 131 منسوخ ڪئي وئي آهي

بقايا سنڌيار 01

کيس زخمي ڪرڻ واري ڪيس ۾ پوليس طرفان بي ڏوهي قرار ڏيئي آزاد ڪيل ڳوٺ نصير فقير جالاڻي جي رهواسي جوابدار جمال الدين ولد محمد سومر بالاڊي خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ڪيس عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. ساڳي عدالت. عدالتي حڪمن جي تعميلات نه ڪرڻ تي ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي ٿاڻيدار خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪري ڪيس عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 02

سنڌ بارجي ميمبر عبدالستار لهراڻي چيو ته دنيا اندر اسان مسلمانن جي گهٽتائي هوندي به سدائين ڪافر ملڪ اسان مسلمانن تي حملا ڪن ۽ اسان جا مسلمان ملڪ به انهن جي بليڪ ملنگ ۾ اچي پنهنجي ئي مسلمانن کي مارائين جڏهن ته سالن کان وٺي اسرائيل آمريڪ اپاڻ ۾ ملي فلسطيني مسلمانن جو رت چوسي رهيا آهن فلسطين جي عورتن ۽ ٻارڙن جا چچريل لاش ڏسي دل رت جا ڳوڙها ٿي رئي ۽ اسان جي مسلماب ملڪن کي ڪا غيرت نه ٿي اچي اسان جي عبادتن گاهن تي حملا ڪري مسمار ڪيو پيو ۽ اسان جي مسلم ملڪن جي ڪن تي جوءِ به نه ٿي سري فلسطين پنهنجي ملڪ جي بقا جي جنگ وڙهي رهيو ان سان ايڏو ظلم آن جو پاڻي بند ڪري اسرائيل ان جا شهر ڳوٺ مسمار ڪري رهيو آ ان کي ڪوچوڻ وارو نه آهي ڪاڏي ويا انساني حقن جا علم بردار ڪاٿي آ اقوامي متحده ايڏو مسلمانن سان ظلم آمريڪا سدائين مسلمان ملڪن کي بليڪ ميل ڪري پنهنجا مفاد حاصل ڪيا آهن اڳوڻي صدر ڊسٽرڪٽ بار عبدالرحيم عباسي چيو اسان سيني مسلمان ملڪن کي اپيل ٿا ڪريو ته آمريڪاجي بليڪ ميلنگ مان نڪري پنهنجي مسلمان ملڪ فلسطين جي حمايت ڪن ۽ اسرائيل خلاف ڪو وڏو قدم کڻي مسلمانن کي تباهه برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي. ابرار. چانڊيو. زاهد شاهه. محمد امين خاصخيلي. نواب خان مري ۽ ٻين وڪيلن مطالبو ڪيو ته فورن اسرائيل خلاف مسلم ملڪ لاحي عمل جوڙي فلسطين تان قبضو ختم ڪرائين ورن اسان سموري ملڪ ۾ وڪيل برادري احتجاج جو سڏ ڏيندي. اسان فلسطينن سان گڏ آهيون.

بقايا سنڌيار 03

تحت سکر ضلعي جي روهڙي، صالح پٽ، پنوعاقل، ٺٽون تعلقي سکر ۾ اسپري ڪرائڻ وارو ڪم شروع ڪيو ويو آهي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي آفيسرن حاڪم علي ٻرڙو سيد علي گوهر شاهه ۽ منور دارو غو جي نگراني ۾ بيلدارن ۽ ٻئي عملي کي اسپري جو سامان ۽ اسپري ڪٽس ڏنيون ويو آهن 11 آڪٽوبر کان روهڙي تعلقي جي مختلف يوسيز روشن آباد ۽ ٻين يوسين کان اسپري مهم جي شروعات ڪئي وئي آهي ضلعي ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه جي هن مهم کي عوام پاران ساراهيو ويو آهي ڇاڪاڻ جو هن وقت سکر ضلعي ۾ مڇرن ۽ ٻين زهريلي جيتن جو آزار وڌي ويو آهي مڇرن جي ڏنگن سبب ضلعي ۾ مليريا ڦهلجي پيو جنهن کي روڪڻ لاءِ صحت کاتو به ڪم ڪري پيو ۽ ضلعي ڪائونسل به هنگامي قدم کڻندي گهر گهر، گهٽي گهٽي اسپري ڪرائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 04

خواتن جي شرڪت، هر طرف لبيڪ يارسول جون صدائون. ملڪ قوم ۽ فلسطيني مسلمانن لاءِ دعائون. تفصيل موجب ڏڙو پرسان لاڪيپور شهر ۾ انجمن غلامان جانثار مصطفىٰ طرفان عيد ميلاد النبي جو عظيم عاليشان ديني جلسو منعقد ڪيو ويو. جنهن جي زير صدارت حضرت قبلا شيخ الحديث پير طريقت مفتي قاضي محمد احمد نعيمي نقشبندي قادريخصوصي خطاب ڪيو جڏهن ته پروفيسر حضرت علامه عبدالقيوم اوٺار نعيمي، صوفي محمدجان نعيمي، مولانا محمد سليمان ميندڙو نقشبندي ۽ ٻين چڻ حضور ڪريم جو شان بيان ڪيو اجتماع ۾ مولانا محمدحنيف عباسي، حاجي پنهون ترڪ، عمرالدين مگسي، سيد نظير شاهه، علي اڪبر عيساڻي، مامون ڪوڪر، امين مگسي، مختيار علي ڪوڪر ۽ ٻين ڪيترن شرڪت ڪئي. آخر ۾ علماءَ ڪرامن ملڪ قوم جي خوشحالي. فلسطيني ۽ ڪشميري مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم تي خاص دعائون گهريون ويون.

بقايا سنڌيار 05

محمد اسماعيل سڪندري حضرت علامه مفتي عنايت الله سڪندري حضرت علامه مفتي فداحسين حسين سڪندري حضرت علامه مولانا حافظ عبدالعليم چنا خصوصي طور شرڪت ڪئي جڏهن ته مهمان خاص پير سيد شاهه محمد شاهه لڪياري درگاهه لڪي شاهه صدر جي گاديءَ نشين هئا جڏهن ته حافظ زاهد حسين ڪرمي ڊاڪٽر اعظم حسين ٻگهيو فقير حق واز قلندري منظور علي سڪندري آيل مهمانن جي بهترين نموني آجيان ڪئي. جڏهن ته هر سال جيئان هن سال به ٽن حافظ سڳورن جي دستاربندي ڪرائي وئي جنهن ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪندڙ حافظ غلام عباس گائيجو حافظ محمد عامر اوٺو ۽ حافظ نظر حسين مشوري کي پڳ ٻڌرائي وئي جڏهن ته پروگرام ۾ سنڌ جي مشهور نعت خوان سيد بخشل شاهه. بادشاهه حاجي يار محمد ابڙو. رجب علي رند بشير احمد پلي فقير اسماعيل ڏاهري ۽ ٻين محبوب نبي صلي الله عليه وسلم جو شان بيان ڪيو جڏهن ته محبوب نبي صلي الله عليه وسلم جي آمد جي خوشي ۾ محبوب جي آمد مرحبا دلدار جي آمد مرحبا جا زوردار نعره هنيا ويا آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي ۽ فلسطين جي مسلمانن جي مدد لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون بعد ۾ لنگر ورهايو ويو

بقايا سنڌيار 06

زيب جمالي، پاٿرن الهداد. الطاف. همٿ علي. عبدالرحمان ۽ اسماعيل جمالي جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي قتل ٿيل نوجوان زاهد علي جمالي جي پاءُ الطاف جمالي ۽ عبدالرحمان جمالي ٻڌايو ته زاهد علي جمالي جا قاتل خدا ڏنو جمالي. جاويد ۽ رعوب علي جمالي جن ٽن تي ٽنڊوباگو ٿاڻي تي قتل جي ايف داخل ٿيل آهي. اهي سرعام گهمي رهيا آهن ۽ اسان کي زاهد جي قتل ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته خدا ڏنو جمالي جي ڪورٽ ضمانت رد ڪري ڇڏي آهي ۽ جاويد ۽ رعوب علي جمالي روپوش آهن. پر ٽنڊوباگو پوليس ڪين گرفتار نٿي ڪري. هنن آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته زاهد علي جمالي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي جوابدارن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

چرس آفيم آڪڙا سميت ٻين سماجي برائين ۾ ٻيڻ تي اضافو ٿي رهيو آهي

بقايا سنڌيار 08

نعريبازي ڪندي چيو ته فلسطين مٿان بمباري ڪري اسرائيل بيگناهه معصوم ٻارن ۽ عورتن کي شهيد ڪري رهيو آهي ۽ عالمي دنيا ۽ اقوام متحده جي مجرمانه خاموشي آهي پاڪستان جي حڪمرانن به ڪو آواز نه اٿاريو آهي اسان مسلمان فلسطين جي مظلوم عوام سان ٿيندڙ ظلم زيادتين تي خاموش نه رهنداسين عالمي دنيا ۽ اقوام متحد کان گهر ڪيون ٿا ته اسرائيلي جارحيت جو نوٽيس وٺي ڪري فلسطينين مٿان ٿيندڙ اسرائيلي ظلم بند ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 09

